ڊاڪٽر اسحاق سميجو

# سنڌي ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ جو پس منظر

**Dr.Ishaq Samejo**


## *Abstract:*

### Background of Progressive Literary Movement in Sindhi Literature
(1936 - 1970)

*Progressive literary movement is one of the main literary movements in subcontinent which not only left enormous effect on literary figures and works but ordinary people's thoughts and attitudes got influenced through its specific organized ideas and manifesto.*

*Generally, after 1936 and in particular from post -partition to 1970 period, literary movement which strongly influenced to the Sindhi literature is recognized as the 'Progressive Literary Movement'. The intellectuals, writers, poets and scholars associated with this movement promoted social thought and ideology in different genres of literature and disciplines of social life and tried to connect it with social change.*

*In Sindhi, the new tradition introduced and established by the Sindhu magazine helped to advancement of realism and this trend paved the way for the progressive movement. By 1947, when Shaik Ayaz, renowned, prolific Sindhi poet and intellectual, published the 'Agty Qadam' (Step forward) magazine, it played the powerful role in the dissemination and diffusion of progressive thought and views. Not only, the first Sindhi free verse got published in this magazine; it also initiated the foundation of progressive literary criticism. In fact, the activism generated due to the global and regional impacts contributed to the foundation of an organized literary movement in Sindh. The occurrences and historical developments in the form of Sindhi Adabi Circle (Sindhi Literary Circle) in 1943, Association of Progressive Writers in 1945 and establishment of Sindhi Adabi Sangat (Sindhi Literary Organization) in 1947 are the best example and evidence of in the connection of literary progress in Sindh.*

*The large number of Sindhi writers and intellectuals, both in Sindh and India, influenced by progressive literature has had followed in and introduced progressive literary thought and ideology into Sindhi poetry.*

سنڌ جي ادبي تاريخن جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ اها ڳالهه آسانيءَ سان ڪري سگهجي ٿي ته هن وقت تائين فڪري سطح تي جن علمي ۽ ادبي تحريڪن سنڌي ادب کي وڏ ۾ وڏ متاثر ڪيو آهي ۽ جن تحريڪن جي اثر هيٺ سنڌي ادب ۽ خاص طور شاعري فڪر ۽ خيال جون بيشمار نيون اونچايون سَر ڪيون آهن، تن ۾ تصوف جي تحريڪ ڪانپوءِ ترقي پسند تحريڪ کي ئي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. اردوءَ ۾ 1936ع ۾ لکنؤ ڪانفرنس ڪانپوءِ شروع ٿيل ترقي پسند تحريڪ، دراصل تنظيم ڪاريءَ جي حد تائين سنڌ جي ليکڪن لاءِ نئين ڳالهه ٿي پئي سگهي، پر سنڌ ان ڪانفرنس کان گهٽو اڳ ۾ ئي پنهنجي مزاج ۽ تهذيبي روايت موجب انهن قدرن تي زمانن کان وٺي عمل پيرا هئي، جن کي ”ترقي پسند تحريڪ جا بنيادي معيار“ قرار ڏنو ويو.

ترقي پسند ليکڪن زندگي پرستي، اميد پرستي، مزاحمت ۽ بغاوت جهڙا رويا اپاريا ۽ سنڌي سماج جي بيٺل پاڻيءَ جهڙي ماحول ۾ لهرون پيدا ڪيون. اهو سڀ ڪجهه تڏهن ٿي سگهيو هو، جو هنن عالمي ادب جي اڀياس ۽ پنهنجي خطي جي سياسي سماجي حالتن سان گڏ تاريخ جو ادراڪ پڻ رکيو ٿي. ڪين سڄيءَ دنيا ۾ اپريل سائنسي ۽ علمي ادبي تحريڪن ۽ ادب ۾ ٿيل لاڙن جو پورو پتو هو. ان ڄاڻ منجهن نئين سوچ ۽ نئون فڪر پئدا ڪيو. ترقي پسند ادب پنهنجي زندگيءَ کي عوام جنتا جي زندگيءَ سان ڳنڍي ٿو ڇڏي. هو عام ماڻهن جي وچ ۾ اهي انهن جي هر ڪنهن مسئلي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

سنڌي ۾ ترقي پسند فڪري لاڙي کي تحريڪ جي درجي تي پهچائڻ ۾ ٻين عنصرن جو به ضرور هٿ آهي ۽ لاتعداد عالمن ۽ اديبن جون ڪوششون ۽ قربانيون به شامل آهن، پر ٿلهي ليکي ’سنڌو‘ مخزن جو تاريخي ڪردار، نئي دنيا ڪتاب گهر جا فڪري ڀرپور ڪتاب. گوبند پنجابي، برڪت علي آزاد، گوبند مالهيءَ، حشو ڪيولراماڻي، سوڀي گيانچنداڻيءَ ۽ محمد ابراهيم جويي جون ابتدائي عملي ڪوششون، شيخ اياز جي انقلابي شاعري ”اڳتي قدم“ ، رسالي جو اجراءُ، سنڌي ادبي سنگت جو قيام ۽ ٽماهي مهراڻ جو جاري ٿيڻ ئي ان جا سڀ کان وڏا محرڪ آهن.

سنڌ جي ادبي تاريخ جو جائزو وٺڻ کان پوءِ، اها ڳالهه آسانيءَ سان ڪري سگهجي ٿي، ته هن وقت تائين فڪري سطح تي جن

علمي ۽ ادبي تحريڪن سنڌي ادب کي وڏ ۾ وڏ متاثر ڪيو آهي ۽ جن تحريڪن جي اثر هيٺ سنڌي ادب ۾ خاص طور شاعري فڪر ۽ خيال جون بيشمار نيون اونچايون سَر ڪيون آهن، تن ۾ تصوف جي تحريڪ کان پوءِ ترقي پسند تحريڪ کي ئي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. گهڻ ۾ گهڻ اسان وٽ، قومي خيالن يا وطن پرستيءَ تي ٻڌل ادب پڻ هڪ حوالي سان روشن خيال ۽ ترقي پسند ادبي تحريڪ جو ئي حصو رهيو آهي- اتفاق سان ڪن خاص ماڻهن کي ڇڏي، اسان وٽ ساڳيا ئي ماڻهو تصوف جا پرچارڪ، ساڳيا ئي ماڻهو وطن پرستيءَ جا مبلغ ۽ ساڳيا ئي ماڻهو، ترقي پسند، اشتراڪي ۽ روشن خيال فڪر جا نمائندا رهندا آيا آهن. سنڌ جي سر زمين ۽ سنڌي ادب پنهنجي ڪلاسيڪل دور کان وٺي اهڙين گڏيل روايتن جو امين رهندو آيو آهي. شاهه لطيف جي شاعري ان ڏس ۾ سڀ کان پرڀور مثال آهي. لطيف وطن پرستي ۽ سيڪيولر سوچ جو سڀ کان وڏو نمائندو آهي. ان ڪري ترقي پسند تحريڪ ۽ ان جي فڪري اثرن جي تڪڙي ڦهلاءَ لاءِ، سنڌ هن خطي ۾ شايد سڀ کان وڌيڪ موزون سرزمين هئي.

ادب جي هن فڪري تحريڪ جي نتيجي ۾، سنڌي ادب پنهنجي دور جي هڪ منظم ۽ عالمگير ادبي ڌارا جو حصو بڻجي ويو. گڏوگڏ هن تحريڪ ئي پنهنجي اصل جي ڳولا ۽ دريافت ۾ سنڌ جي ساڃهه ۽ تخليق جي زبردست رهنمائي ۽ مدد ڪئي، جنهن وسيلي سنڌ جي قديم تخليقي ۽ فڪري روايتن کان وٺي قدرن ۽ ڪلچر ۾ موجود روشن خيال، غير متعصب، همه گير ۽ انسانيت تي ٻڌل ويچار ڌارا سان نئين سر رشتي جي بحاليءَ جو به ڪم ڪري ڏيکاريو. هڪ لحاظ کان سنڌ ۾ ترقي پسند تحريڪ جي فڪر جا بنياد 1936ع کان گهڻو اڳ ۾ ئي موجود هئا، جن کي بعد ۾ وڌيڪ منظم، مربوط ۽ واضح ٿيڻ ۾ مدد عالمي ادبي تحريڪن، اديبن جي جنگين خلاف هلندڙ مزاحمت، ننڍي کنڊ سميت سڄيءَ دنيا ۾ غلاميءَ خلاف اٿندڙ آوازن ۽ سنڌ جي رهواسين جي پنهنجي سڃاڻپ ۽ هر قسم جي آجپي لاءِ ورتل پرڀور شعوري ڪوشش ڪيو. اردوءَ ۾ 1936ع ۾ لکنئو ڪانفرنس کان پوءِ شروع ٿيل ترقي پسند تحريڪ دراصل تنظيم ڪاريءَ جي حد تائين سنڌ جي ليکڪن لاءِ نئين ڳالهه ٿي پئي سگهي، پر سنڌ ان ڪانفرنس کان گهڻو اڳ ۾ ئي پنهنجي مزاج ۽ تهذيبي روايت موجب انهن قدرن

تي زمانن کان وٺي عمل پيرا هئي، جن کي ”ترقي پسند تحريڪ جا بنيادي معيار“ قرار ڏنو ويو.

البته اها ڳالهه تسليم ڪرڻ ۾ ڪا به خرابي نه آهي ته، ننڍي کنڊ جي ٻين ٻولين جهڙوڪ اردو، هندي، تامل، گجراتي، مرائي ۽ بنگالي وغيره وانگر سنڌي ادب تي پڻ ان فڪر جا اثر صحيح معنيٰ ۾ ننڍي کنڊ ۾ ترقي پسند ليکڪن جي ان ڪانفرنس کان پوءِ ئي پوڻ شروع ٿيا هئا، جيڪا اپريل 1936ع ۾ لکنئو ۾ منعقد ٿي هئي، ۽ جنهن جي صدارت اردو افسانوي ادب جي عظيم ليکڪ منشي پريمچند ڪئي هئي. جيتوڻيڪ اها ڪانفرنس اردو اديبن سڏائي هئي، جن جي اڳواٽي ننڍي کنڊ ۾ ترقي پسند تحريڪ جي باني سجاد ظهير پئي ڪئي ۽ ڪانفرنس جو مئنيفيسٽو به سجاد ظهير ۽ ملڪ راج آنند ئي لکيو هو، پر اها ڪانفرنس فقط اردو اديبن جي ڪانفرنس نه هئي. ان ۾ مختلف ٻولين جا ڪئين وڏا ۽ ناليوارا اديب به شامل هئا. ٻيو ته اديبن جي ان پهرين غير روايتي ۽ اثر انگيز ڪانفرنس جو مقصد ڪنهن مخصوص ٻوليءَ يا علائقي جي مسئلن جي نشاندهي نه هو، بلڪ هڪ اهڙي فڪري تحريڪ جو بنياد وجهڻ هو، جنهن وسيلي سماج ۾ ٿيندڙ ڏاڍ، زيادتين، استحصال ۽ ڦرلٽ خلاف آواز اٿارڻ جو ڪم ڪجي ۽ تخليق کي ڪنهن مخصوص ٽولي يا گروهه بجاءِ ماڻهن جي اڪثريت جو ترجمان بڻائجي. سو ”اها تحريڪ صرف اردو تائين محدود نه هئي، ان سمورين ٻولين ۾ سمجهه تي ٻڌل ڳالهيون پئي ڪيون... مون ذڪر پئي ڪيو لکنئو ڪانفرنس جو... جنهن ۾ راهل سنڪرتائن به هو، يشپال به هو، جنهن ۾ رام بلاس شرما به هو. انهن سڀني پنهنجو آواز هن تحريڪ سان ڳنڍيو هو.“ (1 )

اها ڳالهه ڪنهن طرح سان ثابت نه ٿي سگهي آهي، ته هن ڪانفرنس ۾ سنڌي اديبن مان به ڪو شريڪ ٿيو هو يا نه، پوءِ به مختلف هنڌن تان مليل اشارن يا ثبوتن مان اها ڳالهه محسوس ٿئي ٿي ته ان دور جي مک ترقي پسند قيادت سان سنڌ جي ادبي حلقي مان ڪي ماڻهو ضرور رابطي ۾ هئا. ان سلسلي ۾ سوڀو گيانچنداڻي هڪ انٽرويو ۾ چوي ٿو،“ مان وثوق سان نٿو چئي سگهان ته اهو شخص ڪير هو جنهن لکنئو ڪانفرنس ۾ سنڌي اديبن جي نمائندگي ڪئي هئي. ڪانفرنس غالبن 36ع ۾ ٿي هئي ۽ ان وقت مان مشڪل سان سورنهن سالن جو هوس. منهنجو شعوري پيريڊ 40-42ع کان

شروع ٿئي ٿو. پر منهنجو اندازو آهي ته اهو شخص محمد امين کوسو ٿي سگهي ٿو. محمد امين کوسو علي ڳڙهه مان گريجوئيٽ ڪري آيو هو ۽ شروع کان وٺي کاٻيءَ ڌر جا رجحان رکندو هو. ان زماني ۾ هو سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو صدر به هو ۽ انڊرگرائونڊ ڪميونسٽ پارٽي سنڌ جو جنرل سيڪريٽري به هوندو هو ۽ هو پهريون مسلم ميمبر هو، جيڪو ڪميونسٽ هجڻ جي باوجود ڪانگريس جي ٽڪيٽ تي جيڪب آباد مان اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو هو ۽ جنهن سنڌ اسيمبليءَ جي فلور تي عالمي جنگ جي خلاف، جيستائين روس تي حملو نه ٿيو هو، ڌاڍيون جوشيليون ۽ ولولي سان ڀرپور تقريرون ڪيون هيون. خود منهنجو خيال اهو آهي ته شايد اهو محمد امين کوسو ئي هو، جنهن لکنئو ڪانفرنس ۾ سنڌي اديبن جي نمائندگي ڪئي هوندي. نه ته ٻيو شخص قادر بخش نظاماڻي ٿي سگهي ٿو.″ (2) محمد امين کوسو نه فقط لکنئو جي مشهور ترقي پسند شاعر مخدوم محي الدين جو گهاٽو دوست هو ۽ ساڻس ملڻ لاءِ لکنئو ايندو ويندو هو، پر ترقي پسند تحريڪ جي باني ليکڪن اختر حسين رائپوري ۽ سيد سبط حسن سان گڏ علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ ۾ پڙهيو به هو. مئي 1986 جي مشهور ترقي پسند رسالي ″افڪار″ ڪراچي جي ″اختر حسين رائپوري نمبر″ جي صفحي 22 تي، هڪ يادگار تصوير ڇپيل آهي، جنهن ۾ اختر حسين رائپوري، سيد سبط حسن ۽ احمد حسن مشهدي پوئين پاسي کان بيٺا آهن ۽ محمد امين کوسو اڳيان ڪرسيءَ تي ويٺل آهي.اها تصوير 1934ع جي آهي ۽ ان جي هيٺان لکيل آهي: ″علي ڳڙهه جي طالب علميءَ واري زماني ۾ ويجهن دوستن جو هڪ نادر ۽ يادگار گروپ.″ ياد رکڻ کپي ته اختر حسين رائپوري جو مشهور زمانه مضمون″ ادب اور زندگي″ ، جنهن کي ترقي پسند تحريڪ جو فڪري بنياد قرار ڏنو وڃي ٿو ۽ جنهن ۾ گورڪي، ٽالسٽاءِ، لينن، رومين رولان ۽ ٻين جا حوالا ڏئي، نئين دور جي گهرج آهر هڪ نئين فڪري روش جي ضرورت ۽ اهميت کي اجاگر ڪيو ويو آهي، سو ان ئي سال هنديءَ ۽ 1935 ۾ اردوءَ ۾ڇپيو آهي. جڏهن ته انجمن ترقي پسند مصنفين جو پهريون جلسو 1936ع ۾ لکنئو ۾ ٿيو آهي، جنهن سان ئي اها نئين فڪري لهر هڪ ادبي تحريڪ بڻجي اڀري. ″افڪار″ جي ان ئي خاص شماري ۾ سبط حسن، محمد امين کوسي جي حوالي سان لکي ٿو:″ امين کوسو مرحوم وڏو مجلسي ماڻهو هو. پاڻ شام جي وقت

هاسٽل جي آڳند ۾ محفل مچائيندو هو، چانهن جو دور هلندو هو ۽ وڏيون ڪچهريون ۽ ڊاڙ ٺڪاءَ ٿيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن اسان به وڃي ويهندا هئاسين ۽ ويهندي ئي سوشلزم، ڪميونزم تي بحث شروع ٿي ويندو هو. اختر کي جملي بازي جام ايندي آهي. سو بحث دوران هو ڪو اهڙو جملو چئي ڏيندو هو، جو ڪوسو چڙيو پوي. هڪ ڏينهن جڏهن بحث شديد گرم ٿي ويو ته ڪوسو لاجواب ٿي رڙيون ڪرڻ لڳو، ته" اوهان منهنجا جذبا مجروح ڪري ڇڏيا." هو ڪاوڙ ۾ پسار ڪندو رهيو ۽ بار بار اهو ئي چوندو رهيو، "اوهان منهنجا جذبا مجروح ڪري ڇڏيا... اوهان منهنجا جذبا مجروح ڪري ڇڏيا... اوهان منهنجا جذبا مجروح ڪري ڇڏيا." نيٺ اختر کان رهيو نه ٿيو. هو اٿي ڪوسي وٽ ويو ۽ چڻ ته ڪا راز جي ڳالهه چوندو هجيس. چوڻ لڳو:

"يار ڪوسا، تون منهنجي ڳالهه مڃين ته پنهنجن جذبن جي انشورنس ڪرائي ڇڏ."

"ڇو، انشورنس ڇو ڪرايان." ڪوسي ڪاوڙ مان ڇيو.

"ان ڪري ته انشورنس ۾ ڪافي مالي فائدا آهن. جيئن ئي تنهنجا جذبا مجروح ٿين، تون هڪدم انشورنس ڪمپنيءَ کي خبر ڪر. هو توکي ان حادثي عيوض مناسب رقم ادا ڪري ڇڏيندا." سڀ ماڻهو کلڻ لڳا ۽ ڪوسو ڪاوڙ مان گهٽ وڌ ڳالهائيندو، پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. ڪيترن ئي سالن کان پوءِ ساڻس لکنئو ۾ ملاقات ٿي. ان وقت تائين سندس خيال بدلجي چڪا هئا. مون ان واقعي جو ذڪر ڪيو ته ڏاڍو کليو." (3) ان ئي مضمون ۾ سبط حسن ٻڌايو آهي ته انهن ڏينهن ۾ علي ڳڙهه ۾ سوشلزم جو وڏو چرچو هو. مشهور ڪميونسٽ اڳواڻ ڊاڪٽر محمد اشرف، حيات الله انصاري، خواجه احمد عباس، جسٽس فيروز نانا، اسرارالحق مجاز، جان نثار اختر، التفات احمد خان، علي اطهر ايڊووڪيٽ، شرف اطهر علي، اختر حسين رائپوري ۽ ٻيا اسٽڊي سرڪل جي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندا هئا. سبط حسن لکي ٿو:" مونکي پنهنجي هاسٽل آفتاب مجلس جو هڪ مباحثو ڪڏهن نه وسرندو. مباحثي جو موضوع هو،'هندستان جي مسئلن جو واحد حل ڪميونزم آهي'. تحريڪ جي حق ۾ پهرين تقرير اختر حسين رائپوريءَ ڪئي. مخالفت ۾ محمد امين ڪوسي مرحوم ڳالهايو. هو شڪارپور سنڌ جو رئيس زادو هو ۽ سوشلزم کان سخت نفرت ڪندو هو. البته

بعد ۾ سوشلسٽ ٿي ويو هو.“ (4) مٿين حوالن مان محمد امين کوسي جي ترقي پسند تحريڪ جي مک اڳواڻن سان گهرائي، ويجهڙائپ، لاڳاپن ۽ ساڻن هجتن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

ٿلهي ليکي سنڌي ادب ۽ خاص طور سنڌي شاعريءَ تي هن تحريڪ ۽ خاص طور ان جي فڪر جا تمام گهرا، گهڻ طرفا ۽ پائدار اثر محسوس ڪري سگهجن ٿا.

ترقي پسند تحريڪ جي ابتدا عام طور 1936 کان ئي ٿيندي ڏسجي ٿي، پر ان کي هڪ رويي مان لاڙي ۽ لاڙي مان تحريڪ بڻجڻ ۾ وقت لڳو آهي. پهرين ۽ ٻي عالمي جنگ جي وچ واريون حالتون ئي ان ميوي جي پچي راس ٿيڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪندي نظر اچن ٿيون. جيتوڻيڪ طبقاتي ڪشمڪش ۽ بدلجندڙ دنيا ۾ پيداواري ذريعن جي تبديلي ۽ معاشي حالتن ۾ ڦيري به ان ڏس ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. خاص طور تي مارڪسي فڪر، فرانس ۾ پورهيت انقلاب لاءِ ڪاڏل ويڙهه ۽ روس ۾ ان جي فتحيابي ان احساس کي وڏيڪ شديد بڻايو ته دنيا تبديل ٿي سگهي ٿي ۽ سماج تي قابض حاڪميت کي چئلينج ڪري سگهجي ٿو.

”پهرين ۽ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي وچ ۾ دنيا اندر محڪوم ۽ غلام قومن جي آزاديءَ جي هلچل جي به شروعات ٿي چڪي هئي. علم جي عام ٿيڻ سان انهن تحريڪن جي جاڻ ۽ خبر چار اپکنڊ تائين به اچي پهتي. نتيجي ۾ هت به بيئڪيت کان جان ڇڏائڻ لاءِ قومي آزاديءَ واري سياست جو بنياد پيو. ۽ هوريان هوريان ان جو اثر وڌڻ لڳو. ان جو سنڌ تي به اوس اثر پوڻو هو ۽ پيو. سڀ دانشور اديب ۽ شاعر، مذهبي ۽ سياسي تفريق ڌاران، آزاديءَ جي موضوع ۽ قومي شعار جي بيداريءَ جي موضوع تي، بامقصد تخليقي ادبي سرگرمين ۾ مشغول ٿي ويا. ان ۾ ڪانگريسي به هيا ته مها سڀائي به، مسلم ليگي به هيا ته خاڪسار ۽ احرار به، قوم پرست عالم به هيا ته خلافت تحريڪ وارا به، سڀني جو هڪ گڏيل ۽ عام مقصد هيو. يعني انگريزن جي ڌاري بيئڪيت ۽ محڪوميءَ کان آزادي. ان وقت سماجي مسئلا پٺتي هٽي ويا، ۽ قوم پرستي ۽ آزاديءَ جي جدوجهد اڳتي وڌي اهميت واري ۽ مکيه مهم ٿي پئي. قوم پرستيءَ واري سياست ۽ آزاديءَ جي جدوجهد اڳتي وڌي، اهميت واري ۽ مکيه ٿي پئي. قوم پرستيءَ واري سياست ۽ آزاديءَ جو جذبو اڀري وڏي اوليت حاصل ڪري ويو.

ان عمل دوران، ستت ئي ان سياسي سوچ ۽ فڪر جي وهڪري ۾ هڪ ٻي ڌارا به اچي ملي. ٻي مها ڀاري لڙائي دوران ۽ پوءِ مواصلاتي، اشاعتي ۽ ڇپائيءَ جي وسيلن ۾ انقلابي ترقيون ۽ تبديليون آيون. دنيا جون دوريون سوڙهيون ٿي سسي ويون، ۽ دنيا هڪ ٻئي کي ڏاڍو ويجهو ۽ قريب ٿي وئي. ٻهرين مها ڀاري لڙائي بعد روس ۾ عوامي پورهيت انقلاب آيو. ان انقلاب نئين سائنسي مارڪسي فلسفي جي پرچار ۽ ڦهلاءَ ۾ وڏي هٿي ڏني ۽ محرڪ قوت ثابت ٿيو. ساري دنيا جي ادب ۽ ويچارن، فڪرن جا وهڪرا ڪنهن کان اوپرا ۽ لڪل نه رهيا. عالمي ادب اپڪنڊ جي ٻين زبانن جي ادب جيان سنڌي ادب کي به متاثر ڪرڻ لڳو. زبان ، ثقافتي ۽ سماجي پس منظر جي لحاظ کان ته سنڌي ادب مقامي ملڪي ۽ قومي ادب ئي رهيو، پر موضوع ۽ مسئلن جي لحاظ کان بين الاقوامي نوعيت جو ٿي پيو.“ (5)

نه رڳو اهو ته سنڌي ادب عالمگير سوچ ۽ فڪر کان واقف ۽ متاثر ٿي، ان کان سڌيءَ ريت استفادو ڪرڻ لڳو، پر منجهس مقاميت ۽ علائقائي مسئلن جي اپٽار به ايتري ئي شدت سان ٿيڻ لڳي. غلام ننڍي کنڊ جون سياسي ۽ سماجي حالتون، ڪانگريسي ۽ خاص طور گانڌيءَ جون اعلانيل مختلف تحريڪون، هندو-مسلم ايڪتا، سنڌ جي بمبئيءَ کان آزادي، مزاحمتي ويڙهون خاص طور سنڌ ۾ هلندڙ حر تحريڪ، انگريزن کي تڙي ڪڍڻ جهڙا ويچار ۽ معاملا سنڌي ادب جا وڏا موضوع بڻجي پيا.

”ٻي عالمگير جنگ جا ٻُرا اثر سموري ملڪ تي پوڻ لڳا. گانڌيءَ جي هندستان ڇڏيو، ترڪ موالات ۽ خلافت تحريڪ گهٽو ٻائيتال مچايو. سنڌ ۾ ٻهريون دفعو ڪميونسٽ خيالن واري تنظيمن وجود ورتو، جن ۾ سماجوداي پارٽي ۽ هاري پارٽي پيش پيش هيون، جنهن ڪري هارين زميندارن جا تصادم وارا واقعا رونما ٿيڻ لڳا. آزاديءَ واري تحريڪ هاڻي پنهنجي عروج تي رسي چڪي هئي. سنڌيت جي وطني جذبي جو اثر به ظاهر ٿيڻ لڳو، جنهن جو اڻ لکو اظهار ڪن ڪهاڻين ۾ ملي ٿو، جيڪو ورهاڱي بعد چٽو ٿيو. مطلب ته پوري ملڪ ۾ حالات مخدوش بنجي ويا ۽ ماحول ۾ مانڌاڻ متل هو. اشاعتي ادارا هن دور ۾ ترقي پسند تنظيمن جي خيالات جي ترجماني ڪرڻ ۾ سرگرم هوندا هئا. ترقي پسند انجمن ۽ سنڌي ادبي سنگت ان وقت جون روح روان تنظيمون هيون.“ (6)

سنڌ ۾ ترقي پسند تحريڪ جي اثر هيٺ لکيل ادب کي جديد يا نئون ادب سڏيو ويو. انور پيرزادي جي بقول "سنڌي ادب ۾ هن نئين لاڙي اچڻ کان پوءِ، شيخ اياز، انند گولاڻي، ڪرشن کٽواڻي ۽ ٻين نوجوان ترقي پسند اديبن جون لکڻيون ايتريون ته ڪامياب ٿي ويون، جو ادب جو پراڻو ڍانچو ماڻهن جي لتن ۾ لتاڙجي ويو ۽ عوام ان کي الائي ڪهڙيءَ ڪنڊ ۾ اڇلائي ڦٽو ڪيو. ان رد ڪيل ادب جي حامي جيئرن لاشن ترقي پسند اديبن ۽ انهن جي لکڻين، سوچ ۽ ويچار تي وار ڪرڻ شروع ڪري ڏنا. ان جو مثال مرحوم رشيد احمد لاشاري جو ڪتاب "ادب جي آڙ ۾" ، ۽ عبدالڪريم لغاريءَ جا 'آزاد' اخبار ۾ ڇپيل مضمون ڪافي آهن." (7)

ترقي پسند فڪر جي اثرن کان اڳ واري دور جي ادبي گادين جي والي وارثن هن نئين تخليقي وهڪري کي روڪڻ لاءِ وسان ڪين گھٽايو. ڪفر، بغاوت، روايت دشمني، اخلاق بگاڙڻ، فحاشي ڦهلائڻ، مذهب دشمنيءَ جا لڳايل سمورا الزام هوريان هوريان پاڻ ئي ماٺا ٿيندا ويا، ۽ ادب ۾ انسان دوستي، برابري ۽ ڀائيچاري جهڙا قدر وڌيا ۽ رنگ نسل ۽ مذهب جي بنياد تي نفرت، پير پرستي، ڪوڙي روحانيت ۽ ڪوڙن بتن جي پوڄا گهٽجڻ لڳي. ڇو ته فطري طور تي انسان کي رجعت سان نفرت ۽ جدت سان پيار رهندو آيو آهي. روشن خيالي ته سنڌ جي عظيم روايت ۽ اصلوڪو فڪر آهي.

ڊاڪٽر غفور ميمڻ پنهنجي پي ايڇ ڊي جي مقالي" سنڌي ادب جو فڪري پس منظر (2002)" ۾، سنڌ ۾ روشن خياليءَ جو پهريون دور "موهن جي دڙي" جي سماج کان شروع ڪري ٿو.

"سنڌ ۾ روشن خياليءَ جو ٻيو دور انگريزن جي حڪومت ۾ شروع ٿيو. جڏهن يورپ وارا روشن خياليءَ جو بنياد سائنس ۽ جديد فلسفي تي رکي چڪا هئا ۽ زندگيءَ جو هر شعبو روشن خياليءَ کان متاثر ٿي رهيو هو، ان وقت سنڌ ۾ انگريزن ڪجهه روشن خيال فڪر جون تحريڪون هلايون هيون، جن ۾ ٿياسافيڪل تحريڪ نمايان هئي (ٿيا سافي يوناني ٻوليءَ جو لفظ آهي، جيڪو "ٿيو" ۽ 'سافيا' جو ميلاپ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: خدا جو عقل يا خدائي ڏاهپ، الاهي علم.)

Sophia= Wisdom ۽ Theo's= God

"It means divine wisdom, God wisdom, concerning God, or the wisdom of the gods."

هن فڪري سوسائٽي جو بنياد 1891ع ۾ ٻن ماڻھن ڪرنل هينري اسٽيل آلڪاٽ ((Colonel Henry Steel Olcott ۽ مئڊم هيلينا پيٽروينا بلواتسڪيBalvastsky Helena Petrovena Madam هئا. هندستا ۾ هن تحريڪ جا ميمبر1879ع ۾ بمبئي ۾ پهتا. 4 جنوري 1880ع ۾ باقاعده پهرين رسمي ميٽنگ ٿي. 1905ع ۾ هي سوسائٽي باقاعده هندستان ۾ قانوني طور رجسٽرڊ ٿي. هندستان ۾ هن جو بنياد رکڻ وارا ايني بسنت، ڪرشنا مورتي، ديش مک هئا. سنڌ ۾ هن سوسائٽي جو بنياد رکڻ وارن ۾ جمشيد نسروانجي، خوشحال داس، ڊبليو سامتاڻي، ڄڳت سنگهه عالماڻي ۽ هود ڀائي هئا... هن تحريڪ جا فڪري طور مکيه نڪتا هي هئا.

**ترجمو:** سڄي دنيا جي انسانن کي نسل، عقيدي، جنس، ذات ۽ رنگ جي مت ڀيد پيدا ڪرڻ کان سواءِ هڪ نُڪتي تي ڀائپي ۽ برداري ۽ انسانيت جي رشتي ۾ گڏ ڪرڻ.

-تقابلي مذهب، فلسفي ۽ سائنس جي تعليم کي همٿائڻ.

-فطرت جي ان سمجهيل ۽ اڻڄاتل قانونن کي کوج ڪرڻ ۽ ماڻهو جي اندروني طاقت ۽ صلاحيتن کي نروار ڪرڻ.

ٿياسافيڪل تحريڪ جا فڪري نڪتا اهڙا هئا. جن لاءِ سنڌ ۾ تمام وسيع ميدا موجود هو. سنڌي ماڻهو جي رويي، سيڪيولر ۽ صوفي ذهن هئڻ ڪري هنن ٿياسافي تحريڪ جو اثر قبوليو ۽ جلد ئي سنڌ ۾ ڪيترين ئي شاخون کلي ويون، جن ۾ ڪراچي، شڪارپور، سکر، روهڙي، حيدر آباد ۽ لاڙڪاڻي ۾ باقائده هر آچر تي گڏجاڻيون ٿينديون هيون ۽ ماڻهو ڏاڍو شوق سان ليڪچر ٻڌندا هئا. (8)

اها به حقيقت آهي ته انگريزن پاران تعليمي ۽ اشاعتي ادارن جي قيام ۽ سماج سڌار اپائن به هڪ لحاظ کان هتي نئين سوچ، نون روين ۽ سائنسي خيالن کي هٿي وٺائي، پر ان سڄي صورتحال جو هڪڙو عالمي ۽ علائقائي پس منظر به هيو.

”ويهين صديءَ جي شروعات ۾ خاص ڪري پهرين مها ڀاري لڙائيءَ کان اڳ ۽ هلندي، بنگال، ڏکڻ هندستان، اتر هندستان جي ڪن هندي ڳالهائيندڙ علائقن ۾ (ڇو جو اتي انگريز ۽ ٻيون يورپي قومون سڀ کان اول آيون) يورپي ادب جي ترجمن رستي، سماج سڌارڪ ادب مقامي زبانن ۾ متعارف ٿيو. پرڏيهي ترجمن کان متاثر ٿي، انهن مقامي زبانن ۾ به سماجي مسئلن تي ۽ سڌارڪ قسم جو اصلوڪو

ادب تخليق ٿيڻ لڳو. هندستان ۾ اڙدوءَ ۾ به اهي لاڙا پيدا ٿيا، جا هنديءَ جي پيڻ زبان هئي. جهڙيءَ ريت مسلمان سنڌي خوانده ۽ تعليم يا فته فارسي اڙدو کان متاثر پئي ٿيا ته هندو وري هندي ادب ۽ ان ۾ ترجمو ٿيل ٻين هندستاني زبانن جي ادب کان متاثر پئي ٿيا. جن ۾ بنگالي ۽ گجراتي ادب خاص اهميت وارو هو. ان ريت اها ادبي لهر ترجمن رستي سنڌيءَ ۾ به مروج ٿي. ان ڏس ۾ سندر ساهيته، رتن جوت، آشا، کهاڻي ۽ پارت ناول مالها ڪتابي سلسلي نمايان ڪردار ادا ڪيو.” (پٽي، 1987: 36-37)

سنڌيءَ جي پهرئين جديد خيالن ۽ ڪنهن آئيڊيالاجي تحت نڪتل ادبي مخزن ماهوار ’سنڌو‘ شڪارپور پنهنجي آڪٽوبر1932ع واري پرچي ۾ ”سنڌي ساهت سميلن“ جي ضرورت تي ايڊيٽوريل لکيو، جنهن جي موٽ ۾ نامور عالم ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻيءَ ان تي ايڊيٽر کي خط لکي، ان سميلن کي ممڪن بڻائي ڇڏيو. ڄيٺمل پرسرام خود به نهايت روشن خيال دانشور ۽ ڏاهو هيو، جنهن 1927ع ڌاري ”ساميه واد“ جي نالي سان سنڌيءَ ۾ سوشلزم بابت پهريون ڪتاب لکيو هو. ڄيٺمل پنهنجي خط ۾ لکيو ته:” قوم جي عمارت جو مکيه ٿنڀو آهي، علم ادب. ٻيون ٻوليون ان ڏس ۾ گهڻو واڌارو ڪري رهيون آهن. رڳو سنڌي ٻولي پٺتي رهجي ويئي آهي. منهنجي راءِ آهي ته اوهين اهو سميلن بيشڪ شڪارپور ۾ سڏايو ۽ آواز ڪريو ته مڙيئي ساهتيه جا شائق اچي گڏ ٿين، ويچار ڪن ۽ رِٿون رٿين. سنڌ کي هڪ باقانون ’سنڌي ساهت سڀا‘ (Academy of Sindhi Literature) جي ضرورت آهي. پروفيسر گربخشاڻي، مسٽر لعلچند جڳتياڻي، مسٽر دائود پوٽي ۽ ٻين جي محنت سان مٿين سڀا ڪراچيءَ ۾ قائم ٿيل آهي ۽ ڪجهه ڪم پئي ڪيو آهيس. منهنجي راءِ آهي ته اوهين انهن مڙني بانيڪارن کي هاڪاريو ته هو سميلن ۾ انهيءَ سڀا جو پڪو پايو اچي وجهن.” (9)

نيٺ اهو ساهت سميلن ٿيو، جنهن ۾ ان وقت جي ڪيترن ئي ناميارن عالمن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جي بهتريءَ ۽ ترقيءَ جي حوالي سان ڪيتريون ئي قيمتي تجويزون سامهون آيون.شڪارپور ان زماني ۾ سنڌ جو علمي ادبي ۽ فڪري رهنما بڻيو بيٺو هو. خاص طور نئين ادب جي ڇپائي، ڦهلاءَ ۽ واڌ ويجهه ۾ شڪارپور سڀني کان اڳرو هيو. خاص طور نئين، ترقي پسند، سائنسي ۽ هڪ حد تائين مارڪسي سوچ کي منظم طريقي

سان ڦهلائڻ جو ڪم به اتان ئي ٿيو. نئين دنيا ڪتاب گهر ان جو سڀ کان وڏو مثال آهي.

”سن 1936ع ۾ هندستان جي اديبن پاران جيئن ئي جديد فڪر کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ”انجمن ترقي پسند مصنفين“ جو وجود عمل ۾ آيو، تيئن ئي سنڌ ۾ به سنڌي ادب تي ان جا اثرات مرتب ٿيڻ لڳا. هتان جي مشهور ترقي پسند اديب گوبند پنجابيءَ، سندس ساهتڪار ساٿيءَ ڪامريڊ برڪت علي آزاد جي سهڪار سان، سن 1937ع ۾ جماٽي هال شڪارپور ۾ ڪامريڊ ٽيڪارام سخن جي صدارت هيٺ ”سنڌ سوشلسٽ ڪانفرنس“ ڪوٺائي. گوبند پنجابي صاحب ان کان ستت ئي پوءِ ”نئين دنيا ڪتاب گهر“ جو بنياد وجهي، 1942ع ۾ شايع ڪرايو. ان کان اڳ ان ئي ڪتاب گهر پاران ڪامريڊ برڪت علي آزاد جو ڪتاب ”نوجوانن ڏانهن“ پڌرو ڪيو ويو هو. ان کان پوءِ سنڌ ۾ ترقي پسند تحريڪ کي سوڀي گيانچنداڻيءَ، گوبند مالهيءَ ۽ لڇمڻ راجپال کان علاوه شيخ اياز صاحب ان کي گهڻي تقويت ڏني.“ (10)

سنڌ ۾ جيتوڻيڪ انجمن ترقي پسند مصنفين جون شاخون به قائم ٿيون ۽ ابتدائي زماني ۾ گوبند مالهي، سوڀو گيانچنداڻي، شيخ اياز، نورالدين سرڪي ۽ ٻيا هن فورم تي ڪافي متحرڪ به رهيا، پر ٿوري ئي عرصي اندر سنڌ جي دانشورن، شاعرن ۽ ليکڪن پنهنجي مخصوص مزاج آهر هڪ نئين ۽ سنڌي اديبن جي پنهنجي فورم جي ضرورت کي محسوس ڪندي، ”سنڌي ادبي سنگت“ جو قيام عمل ۾ آندو. هن ادبي فورم جي شروعات ڪراچيءَ کان ٿي، جتي ان زماني ۾ سنڌ جا ڪئين اهم اديب ۽ ليکڪ مختلف سببن ڪري رهائش پذير هئا ۽ اهي اڳ ۾ ئي مختلف علمي، سياسي ۽ ادبي فورمن تي متحرڪ هيا.

ڏٺو وڃي ته ننڍي کنڊ ۾ ترقي پسند ۽ جدت پسن خيالن ۽ ويچارن جي ترقيءَ ۾ جيترو بنگالي اديبن ۽ شاعرن جو هٿ آهي، ايترو ڪنهن به ٻوليءَ جي ليکڪن جو نه آهي. خود اردوءَ ۾ ترقي پسند تحريڪ کان اڳ ۾ انقلابي، مزاحمتي، باغيانه ۽ عوامي شاعري بنگال جي عظيم انقلابي شاعر نذرالاسلام جي اثر هيٺ اڀَتي وڌي. سنڌيءَ تي به بنگاليءَ جو وڏو اثر پيو.

بنگالي سياسي طرح ننڍي کنڊ جي سمورين قومن ۾ وڏيڪ سجاڳ ۽ علمي حوالي سان به گهڻو اڳتي هئا. بنگالي ادب نه رڳو

انگريز حڪومت خلاف مزاحمت جو هڪ ڀرپور حوالو رکي ٿو، پر ساڳئي وقت پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ بنگالين ۾ پاڻ سان ٿيل زيادتين ۽ ڏاڍ خلاف بغاوت ۽ ڪاوڙ جي جيڪا لهر هئي، ان کي به بيحد تخليقي انداز ۾ پيش ڪيو اٿن. نتيجي ۾ سنڌي ادب سميت ننڍي کنڊ جون اهي اڪثر ٻوليون، جيڪي استحصال ۽ ٻه اڪيائيءَ جو شڪار ماڻهن جي اظهار جو وسيلو هيون، تن کي بنگالي ادب گهري نموني متاثر ڪيو. بنگالي ادب هوئڻ به ننڍي کنڊ جي باقي ٻولين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ترقي يافته ۽ سياسي شعور سان ڀرپور هو. ٻئي طرف ننڍي کنڊ ۾ انگريزن جيئن پهرين ڪوٺي بنگال جي شهر ڪلڪتي ۾ لڳائي هئي، ايئن ئي انگريزن خلاف هلايل تحريڪن کان وٺي نئين ڪاڻ نون فڪري ۽ فني لاڙن، تعليمي ادارن ۽ پرنٽنگ ۽ پبلشنگ جي ڏس به ڪلڪتو اڳواٽي ڪندڙ شهر ثابت ٿيو. انگريزن ننڍي کنڊ ۾ پنهنجن ماڻهن خاص طور سول عملي لاءِ، هن خطي جون تاريخي ٻوليون سکڻ ۽ کين هتان جي ڪلچر، مذهبي عقيدن، تهذيب ۽ ماڻهن جي نفسيات بابت ڄاڻ ڏيڻ لاءِ پهريون جديد ۽ مغربي انداز جو ڪاليج، ”فورٽ وليم ڪاليج“ جي نالي سان 1800ع ڌاري ڪلڪتي ۾ ئي قائم ڪيو. هن ڪاليج ۾ هند جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ کان سواءِ هتان جي مختلف مذهبي ۽ نسلي گروهن بابت ڄاڻ سميت برطانوي آئين، قانون ۽ خاص طور هند جي گورنر جي حڪمن وغيره بابت ڄاڻ ڏيڻ سميت عربي، فارسي، هندستاني، سنسڪرت، بنگالي، تيلگو، مرهٽي، تامل ۽ ڪنڙ وغيره به پڙهائي ٿي وئي. نتيجي ۾ پهريون ڀيرو انهن ٻولين جو نصاب به ٺهيو ۽ ايئن انهن ٻولين ۾ جديد ڇپائيءَ جو بنياد به پيو. بهرحال، بنگال هر حوالي سان ننڍي کنڊ جي نمائندگي ٿي ڪئي. 1913ع ۾ ٽئگور کي نوبل پرائيز ملڻ کان پوءِ ته بنگال ۽ بنگالي ادب جي حيثيت اڃا به وڌيڪ اڀري سامهون آئي. ان ڪري بنگالي ادب جو اثر ننڍي کنڊ جي ٻين ٻولين سان گڏ سنڌيءَ تي به پيو. ورهاڱي کان اڳ ئي سنڌيءَ ۾ جن ٻولين جا وڏ ۾ وڏ ڪتاب ترجمو ٿيا، تن ۾ بنگالي ٻولي سرفهرست هئي. چيٽرجي جي ’ديوداس‘ کان وٺي، ٽئگور جي ناول ’اک سور‘ تائين، ڪئين اهم بنگالي ناول ترجمو ٿيا ۽ ان طرح سنڌي ادب ڪئين نون موضوعن، ڪردارن ۽ فڪري روين کان آگاهه ڪيو. اڳتي هلي، جڏهن بنگالي ادب پنهنجي وطن جي ماڻهن جو آواز ٿي اڀريو ۽ قومپرستيءَ تي ٻڌل خيالن جو زور وڌي ويو، ته ان جو اثر

سنڌيءَ تي به پيو. چاڪاڻ ته بنگالين وانگر سنڌي به پنهنجي ئي حقن تان دستبردار ٿيڻ تي مجبور ڪيا ويا هئا، ۽ آزاديءَ سان وابسته سندن سمورا خواب چڪنا چور ٿي ويا هئا. سنڌ ۾ نئين قوم پرستيءَ جو بنياد وجهندڙ جي ايم سيد جڏهن سياست کان ڪناره ڪش ٿي، بزم صوفياءِ سنڌ جي پليٽ فارم تان سنڌ ۾ علمي ادبي سرگرميون شروع ڪيون، ته هن 28 جنوري 1958ع تي ميرپوربٺوري ۾ ٿيل ادبي ڪانفرنس ۾ "سنڌي ادب ڇو ۽ ڇا لاءِ؟" جي موضوع تي جيڪا تقرير ڪئي، تنهن ۾ بنگالي ادب جو مثال ڪم آڻيندي، پنهنجن شاعرن ۽ اديبن کي هن قسم جي تلقين ڪئي هئائين:

"تازو آءٌ اپرندي بنگال مان ٿي آيو آهيان. اتي سياسي بيداري ٿيڻ ڪري، ادب جي نثر ۽ نظم جو گهڻو حصو قومي محبت، آزاديءَ جي جذبي، عوام جي پلي، هاريءَ ۽ مزدور طبقي جي همت افزائي لاءِ صرف ڪيو وڃي ٿو. اتي معشوق جي نازن نخرن، بلبل ۽ گل، چنڊ ۽ تارن جي ساراهه وغيره جهڙا موضوع پنهنجا اثر گهٽي قدر وڃائي ويٺا آهن. ايئن پئي معلوم ٿيو ته ڄڻ هڪ جوان قوم نئون پيغام ساڻ ڪري، صفحئه هستيءَ تي ظاهر ٿي رهي آهي. اسان کي انهيءَ مان سبق وٺڻ گهرجي. هنن جا مسئلا گهٽي قدر اسان جي مسئلن جهڙا آهن... بنگال سان ٻولي، اقتصادي مفاد، نوڪرين وغيره ۾ ماٽيجي ماءُ وارو برتاءُ ڪيو ويو آهي. پر هاڻي هو سجاڳ ٿيا آهن. گهڻو وقت هو پنهنجي قومي بي عزتي برداشت ڪري نه سگهندا." (11)

اسان وٽ قومي فڪر واري يا انقلابي ۽ مزاحمتي شاعريءَ کي ون يونٽ کان به اڳ ۾ جنهن تجربي وڏيڪ شهه ڏني، سو بنگالي ادب جو اپياس هو.

سنڌ ۾ ترقي پسند ادب کي عام ڪرڻ ۾ پبلشنگ ادارن جو به وڏو هٿ رهيو آهي. اتر سنڌ جو شهر شڪارپور ان حوالي سان نهايت سرگرم نظر اچي ٿو، جتي نه فقط پبلشنگ جا ڪئين ادارا کلي چڪا هئا، پر اتان جون ناٽڪ منڊليون، اسڪول ۽ مذهبي تنظيمون به ڪتابن ڇپائڻ واري ڪم ۾ حصو وٺندي نظر اچن ٿيون. شڪارپور ۾ منشي پوڪرداس ٿانورداس تاجر ڪتب، سکر ۾ ماستر هريسنگهه، حيدرآباد ۾ سنڌي ساهت سوسائٽي ۽ ٻيا ڪيترا ئي ادارا، سوسائٽيون، ساهتيه منڊل کلي چڪا هئا، ۽ انهن جي قائم ٿيڻ کان پوءِ سنڌي ادب جو هڪ نئون دور شروع ٿي ويو. چاڪاڻ ته ان کان اڳ ۾ سنڌيءَ ۾

ڪتابن ڇپجڻ جو سلسلو نه هجڻ برابر هو، جنهن کي انگريزن جي اچڻ کان پوءِ ڇاپخانن لڳڻ سان وڏي تيزي نصيب ٿي. ايئن ليٿو، اسٽيم ۽ بعد ۾ جديد پرنٽنگ پريسن جي اچڻ سان نه رڳو اصلوڪن ۽ طبعزاد ڪتابن جو وڏو انگ سامهون آيو، پر مختلف ٻولين جي اهم ڪتابن جا ترجما به ڇپجڻ لڳا، جن سنڌي ادب ۾ خيال، سوچ، موضوعن ۽ ڪردارن جي هڪ نئين دنيا متعارف ڪرائي. ان زماني ۾ جڏهن هندستان کي مذهب جي نالي ۾ ورهائڻ جون ڪوششون ٿي رهيون هيون، تڏهن 1939ع ۾ شڪارپور جي مشهور استاد پروفيسر شيوارام نرسنگهداس ڦيرواڻي، جنهن بمبئي يونيورسٽي جي نوڪري ڇڏي شڪارپور ۾ اچي ميونسپل اسڪول بورڊ سنڀاليو هو، تنهن جو ڪتاب ”هندو-مسلم ۽ انساني ايڪتا“ ڇپيو هو.

31 آڪٽوبر 1939ع تي سنڌ جي مشهور سنت ۽ صوفي گايڪ ڀڳت ڪنور رام کي رڪ اسٽيشن تي قتل ڪيو ويو. هيءُ واقعو سنڌ جي تاريخ جو نهايت دردناڪ واقعو هو، جنهن صدين کان وٺي قائم هندو-مسلم ايڪتا کي شديد نقصان پهچايو. ان واقعي تي هونئن ته سڀني حلقن پاران شديد ڏک، غم ۽ غصي جو اظهار ڪيو ويو، پر بيوس جهڙو شاعر به لڏي ويو. هن ڪنور رام جي موت تي جيڪو مرثيو لکيو آهي، سو سنڌي شاعريءَ جي روايت جو اهم يادگار آهي.

قتلام ڪنور رام جي ماتام مچايو- آرام ڦٽايو،
ڇا سنڌ ۾، ڇا هند ۾، جولان جڳايو- آرام ڦٽايو.
جنهن بيگناهه سنت جو خود خون وهايو، پستول لڳايو،
تنهن تي اي سنڌو واسيو ڦٽڪار وسايو- آرام ڦٽايو.
قاتل جي مسلمان ته اسلام لڄائي، مومن نه سڏائي،
اسلام ته دنيا کي صلح ڪُل هو بتايو- آرام ڦٽايو.
ڀڳتن ۾ پري جهول غريبن کي ڏنائين، ذاتيون نه ڏنائين،

هندو ۽ مسلمان جو هن پيد پلايو- آرام
ڦٽايو.

اهو زمانو سنڌ جي تاريخ جو سڀ کان خراب دور ليکي سگهجي ٿو، جڏهن سنڌ پهريون ڀيرو پنهنجي عظيم سيڪيولر ۽ صوفياڻي روايت ترڪ ڪري، انگريزن جي سازش ۽ مسلم ليگ جي غير عقلي پاليسين جو شڪار ٿي وئي ۽ سنڌ جا پڙهيا ڳڙهيا ماڻهو به هندو ۽ مسلمان جي فرق ۾ ڦاسي پيا. سنڌ جي بمبئيءَ کان الڳ ٿيڻ بعد سنڌ جي پنهنجي اسيمبلي قائم ٿي، ته اسيمبلي بل به اهڙا پاس ڪرڻ لڳي، جن ۾ هندو آباديءَ کي ڌارئي هجڻ جو احساس جاڳڻ لڳو. بقول گوبند مالهيءَ جي:" جي.ايم.سيد، جو عمر ڀر صوفي رهيو هو، سو به مسلمان هارين جي حالت سڌارڻ سانگي اهي ٻول ٻولڻ لڳو، جي هو رواجي طرح هوند نه چوي ها. اسيمبليءَ هڪ ٺهراءُ بحال ڪيو: ڪو به مسلمان پنهنجي زمين هندوءَ کي وڪڻي نٿو سگهي. جي.ايم.سيد مسلمانن کي هڪ نئون نعرو ڏنو:" باءِ فرام مسلمس." جيڪي خريد ڪرڻو اٿوَ، مسلمانن کان خريد ڪيو. محمد ايوب کهڙي چيو،" مون کي ان ڏينهن جو انتظار آهي جنهن ڏينهن هندو استريون، مسلمان عورتن جيان مٿي تي لسيءَ جي چاڏي ۽ ڪڇ ۾ مانين جي هڙ کڻي، پنهنجي پتار ڏانهن نڪهڻ اس ۾ زمين تي ويندين." پرچونديءَ جو پير ان مسلم فرقيوارانه باهه ۾ گيهه وجهڻ لڳو..." (12)

8 آگسٽ 1942ع تي بمبئيءَ ۾ آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ "هندستان خالي ڪريو" جو ٺهراءُ پاس ڪيو. 9 آگسٽ تي گانڌيءَ سميت ڪانگريس جا اهم اڳواڻ گرفتار ٿي ويا. ان جو ردعمل سنڌ ۾ به ٿيو. توڙي جو سوڀو گيانچنداڻي ان وقت ڪميونسٽ اسٽوڊنٽ ليڊر هو، پر پوءِ به هو ان عمل خلاف ميدان تي لهي آيو. بقول گوبند مالهيءَ جي:" ان وچ ۾ پٽنا ۾ ٻن ڦاڪن ۾ ورهايل سنڌي وديارٿي سوڀي ۽ تلسيءَ جي گڏيل اڳواڻيءَ هيٺ هڪ ٿي ويا، ۽ ٻنهي يونين 9 آگسٽ تي ميڻارام هاسٽل جي ٽينس ڪورٽ وٽان سرگس ڪڍي. ان سرگس ۾ ٻيا وديارٿي به هئا، جهڙوڪ اڏور ائسنگهاڻي، راڌو تلسياڻي ۽ پوڄو. مان به هوس." (13)

1942 ۾ سنڌ جي تڏهوڪي چيف منسٽر الله بخش سومري برطانيه سرڪار جي زيادتين خلاف "خان بهادر" جو لقب واپس ڪري ڇڏيو. ڪيس ان جي سزا اها ڏني وئي ته کيس عهدي تان هٽائي، ڪانئس گهٽ

اڪثريت رڪندڙ سر غلام حسين کي چيف منسٽر مقرر ڪيو ويو. سنڌ ۾ شاگردن ان تي ڪافي احتجاج ڪيو.

انهن ئي ڏينهن ۾ ڪراچي سنڌي علم ادب جي حوالي سان مرڪزي حيثيت جو حامل هو. محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز، سوڀو، گوبند مالهي ۽ ٻيا اڪثر ترقي پسند ليکڪ ۽ دانشور ڪراچيءَ ۾ ئي سرگرم هئا. محمد ابراهيم جويي مطابق:" بمبئيءَ مان آءٌ ڪامريڊ ايم.اين راءِ کان متعارف ۽ سندس ريڊيڪل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ کان متاثر ٿي آيو هوس. ڪراچيءَ ۾ ناگيندر وياس نالي هڪ گجراتي برهمڻ نوجوان تحرڪ ۽ اڳواٽيءَ ۾ ريڊيڪل پارٽي جي سنڌ شاخ قائم ٿي چڪي هئي، جنهن سان آءٌ ۽ منهنجا دوست-گجراتي ڳالهائيندڙ بوهرا جماعت جو احمد اي. جِيواجي، مزدور ليڊر ڪونڪني خطب، ۽ اياز، جمال ۽ ٻيا ساٿي وڃي شامل ٿياسين." (جويو، 2001: 5) احمد اي. جيواجي'آگي قدم' جي نالي سان پريس به هلائي پئي ۽ ان پاران هڪ گجراتي رسالو "آگي قدم" جي نالي هيٺ به نڪتو ٿي، جنهن جي طرز تي پوءِ سنڌيءَ ۾ "اڳتي قدم" جي نالي سان شڪارپور مان رسالو جاري ٿيو، جنهن جو ايڊيٽر شيخ اياز هيو. انهن ئي ڏينهن ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌ مدرسي جي هاسٽل مٿارام سنڌي اديبن ۽ سياسي طور سرگرم دانشورن جو مرڪز هئي، جتي نه رڳو انهن جون گڏجاڻيون ٿينديون هيون، بلڪ اهي نين نين رٿائن ۽ هڪ ذميوار شخص طور پنهنجي ڪردار متعلق پڻ بحثن مباحثن ۾ مصروف رهندا هئا. انهن ئي بحثن مباحثن جي نتيجي ۾ 1947ع ۾ ئي سنڌي ادبي سنگت جو قيام عمل ۾ آيو، جنهن جو پهريون ڪنوينر گوبند مالهيءَ کي چونڊيو ويو.

ڊاڪٽر ادل سومري پنهنجي پي.ايڇ. ڊي جي مقالي "سنڌي ادبي سنگت: تاريخ ۽ ڪردار" ۾ ادبي سنگت جي پس منظر، قيام ۽ اوسر تي مفصل روشني وڌي آهي، ۽ ڪيئي ثابتيون ۽ دليل پيش ڪيا آهن، ته ان جي ابتدا 1947ع کان ئي ٿي آهي. هو لکي ٿو: "سنڌي ادبي سنگت جي نالي جو تصور ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جي 31 آگسٽ 1945ع تي مهراڻ ڏانهن لکيل خط مان ملي ٿو (14) ڊاڪٽر دائود پوٽي جو اهو خط هڪ لحاظ کان ڪئين معاملن ۾ اڳيرائي ۽ اڳ ڪٿي ثابت ٿيو. هن ئي 'مهراڻ' رسالي جاري ڪرڻ جو خيال ڏنو هو، جنهن جو مقصد ذهني انقلاب آڻڻ هيو. هن 'مهراڻ' جي جاري ٿيڻ جي خبر تي، جيڪو 31 آگسٽ 1945 تي خط لکيو ۽ مهراڻ جي 1965 واري

4-3 پرچي ۾ شايع ٿيو، تنهن کي نه فقط سنڌي اديبن جي تنظيم سازي، سندن فڪري واڌ جي تعين ۽ هڪ ادبي رسالي جي ڪردار تي روشني وڌل آهي، پر گڏوگڏ هن مذهب جي به جيڪا تشريح ڪئي آهي، تنهن کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. هو لکي ٿو:" اهو مذهب جو وصل ۽ ڳانڍاپي بدران فصل ۽ وڇوڙو وڄ ۾ وجهي، اهو حقيقي مذهب ناهي. اهو هڪ سياسي منصوبو آهي، جو هڪ قوم کي ٻيءَ سان ويڙهائي ٿو. مذهب اصل ۾ هڪ آهي، پر پوءِ زماني ۽ ماحول جي تقاضا آهر ان کي جدا جدا صورتون ڏنيون ويون آهن. جئن پاڻي حقيقت ۾ هڪڙو آهي، پر جدا جدا رنگين ٿانون ۾ الڳ صورت اختيار ڪئي اٿس. پوءِ ڇو نه اهڙن بيروني ۽ عارضي سببن کي ڇڏي، وحدت جي واڌ وٺون ۽ گهٽ ۾ گهٽ اهي خيال ۽ افڪار جيڪي سنڌي قوم جو مشترڪ ورثو آهن، تن ۾ يگانگي ۽ يڪ جهتي پيدا ڪريون." (15)

هي اهو زمانو آهي، جڏهن مسجد منزل گاهه جو واقعو پيش اچي چڪو آهي. سنڌ ۾ هندو-مسلم ايڪتا پرزا پرزا ٿيل آهي. ماٺهو پنهنجي زمين، ٻوليءَ ۽ تهذيب جي رشتي کي ٺڪرائي، مذهب جي بيروني لبادي اوڍڻ ۾ فخر ڪرڻ لڳا آهن. اسلام جو مذهب بجاءِ 'قوميت' طور پرچار پيو هلي، ۽ 'مسلم قوم' جو اڳواڻ قائد اعظم الڳ ملڪ جي گهر ڪري رهيو آهي. پر سنڌ جو هڪ عالم پنهنجي دور رس نگاهه جي بنياد تي اهو چئي ٿو ته "اهو هڪ سياسي منصوبو آهي." پوءِ ان سياسي منصوبي سنڌ جي جهولي جن زخمن سان پري، تن تي ڪو مرهم رکڻ وارو به نه هو. اها ڪهاڻي گهڻي طويل آهي. هتي فقط ايترو ٻڌائڻو آهي، ته هي ئي اهو خط آهي، جنهن ۾ سنڌي اديبن جي جماعت بندي ۽ هڪ ذهني انقلاب لاءِ سندن تنظيمي صورت اختيار ڪرڻ جي خواهش جو اظهار ڪيل آهي. هو لکي ٿو:" مهراڻ جو ميدان ۾ اچڻ هڪ سڳوري سنوڻ جو سنيهو آهي. اچو يارو، هندو مسلم ڀائرو، ته هڪ ٻئي سان ملي، 'مهراڻ' جي وسيلي هڪ اهڙي "ادبي سنگت" - ادبي ياري يا جميعت ٺاهيون، جنهنکي ملڪ جي ادبي انتيءَ جو اونو هجي، جا مذهب ۽ ملت جو ملمَع لاهي، ديسي ادب کي هڪ اهڙي قالب ۾ پلٽائي ۽ سانچي ۾ سميٽي، جو منجهانئس غيريت جو رنگ نڪري وڃي. هيڪڙائيءَ جي هيئت پڪڙي، ۽ باوجود انهيءَ هيڪڙائيءَ جي، ان جو شاندار ورثو اهڙا گوناگون نام ۽ ننگ وفا ڪري، جو سپني جون اکيون اهو منظر ڏسي ٺرن ۽ ڳهه ٿين." (16) هن خط

۾ نه فقط سنڌي اديبن جي باقاعدي تنظيم ڪاريءَ جو ويچار پيش ڪيل آهي، پر گڏوگڏ ان تنظيم جي بنيادي مقصدن ۽ دائري بابت به ڪافي چٽي روشني وڌل آهي.

ڊاڪٽر تنوير عباسي سنڌي ادبي سنگت جي حوالي سان ٻڌائي ٿو:" سنڌي ادبي سنگت جي تاريخ سنڌ جي ويهين صديءَ جي پوئين اڌ جي ذهني اوسر جي تاريخ آهي. هن ويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ سنڌ جي ذهن تي سنڌي ادبي سنگت چانيل رهي. سنڌ جي ذهن کي موڙڻ ۾ ادبي سنگت جو وڏو ڪردار آهي. اهو دور سنڌ جي لاءِ سڀ کان اونداهون دور هو. عرب آيا، ارغون آيا، ترخان آيا، مغل آيا، انگريز آيا، پر سنڌ جي ٻوليءَ، تهذيب ۽ ثقافت کي ڪنهن به دور ۾ ايڏو نقصان، ايڏو خطرو نه پهتو، جيڏو ان ويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ پهتو. ڇو ته، جيئن دوستن ڳالهه ڪئي ته سنڌ لکڻ ڏوهه هو، بلڪ سنڌي ادبي سنگت جو ميمبر ٿيڻ يا ان جي ميٽنگ ۾ وڃڻ ڏوهه هو. جيڪو اسان جي ميٽنگ ۾ ايندو هو، اهو آسرو سر تان کنيو ايندو هو. ڇو ته يڪدم سي آءِ ڊي ان جي پنيان لڳندي هئي. سرڪاري ڪامورن تي بندش پيل هئي ته توهان سنڌي ادبي سنگت جا ميمبر نه ٿيو. تنهن کان پوءِ ون يونٽ جو دور اهڙو هو، جو ڪي ويچارا سنڌي ايڏا مايوس، ايڏا پريشان هئا جو به سنڌي به جيڪڏهن پاڻ ۾ ملندا هئا ته اردوءَ ۾ ڳالهائيندا هئا، ته متان ڪو ٻڌي نه وٺي، ته سنڌيءَ ۾ ٿا ڳالهائين." (17)

سنڌي ادبي سنگت، انجمن ترقي پسند مصنفين جو صحيح معنيٰ ۾ سنڌي روپ هئي، جنهن بعد ۾ سنڌي علم ادب، ٻوليءَ ۽ ثقافت لاءِ ڪيترا ئي تاريخي ڪم ڪيا. ون يونٽ جي زماني ۾ سنڌي ادبي سنگت جيتريون سختيون سٺيون ۽ ان جي باوجود عملي طور اديبن، عالمن، ڏاهن ۽ دانشورن جي سگهه سان هڪ ڪاري دور کي ختم ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو، سو نه وسرڻ جهڙو آهي.

ترقي پسند ليکڪن زندگي پرستي، اميد پرستي، مزاحمت ۽ بغاوت جهڙا رويا اپاريا ۽ سنڌي سماج جي بيٺل پاڻيءَ جهڙي ماحول ۾ لهرون پيدا ڪيون. اهو سڀ ڪجهه تڏهن ٿي سگهيو هو، جو هنن عالمي ادب جي اڀياس ۽ پنهنجي خطي جي سياسي سماجي حالتن سان گڏ تاريخ جو ادراڪ پڻ رکيو ٿي. ڪين سچيءَ دنيا ۾ اپريل سائنسي

۽ علمي ادبي تحريڪن ۽ ادب ۾ اٿيل لاڙن جو پورو پتو هو. ان چاڻ منجهن نئين سوچ ۽ نئون فڪر پيدا ڪيو.

”انهن نئين سوچ ۽ فڪر رکندڙن نه رڳو انسانيت، محبت ۽ آزاديءَ جا گيت ڳايا، پرسنڌ مان بچڙين ريتن رسمن ۽ فرسوده رواجن خلاف به جهاد ڪيو. هندستان جي مظلوم پيڙيل ۽ ڏتڙيل عوام جي حقن لاءِ آواز اٿارڻ ۽ ڪين سجاڳ ڪرڻ ۾ به هنن اوائلي ۽ اهم ڪردار ادا ڪيو. انهن ۾ نثر نويس ته ڪافي وقت کان مصروف عمل ها، پر شاعريءَ ۾ پهريون پٿر اڇلائيندڙ ڪشن چند بيوس هيو. جنهن ”الا جهري مَ شال غريبن جي جهوپڙي“ جهڙي نظم لکي، اقبالؔ ٻين کي همعصر اپکنڊ جي نون شاعرن کان متاثر ٿي يا سندن ترجما ڪري، سنڌي شاعريءَ کي نوان، وقت جي تقاضائن مطابق موضوع ڏنا. ان کان بعد جلد ئي ڪيئلداس فانيءَ سنڌي شاعريءَ ۾ نوان موضوع ۽ رجحان آندا. هن سڌارڪ، قومي ۽ سماجوداي گهرجن کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو. سنت ئي سندن پيروي ۾ نارايڻ شيام، هري دلگير، شيخ اياز ۽ حيدر بخش جتوئي نوان موضوع ۽ فني خوبيون کڻي سنڌي شاعريءَ جي ميدان ۾ آيا، نتيجو اهو نڪتو جو رجعت پرست، لڪير جا فقير، شعرائي (جميعت الشعرا وارا) جن جي هن کان اڳ ادب ۾ هڪ هٽي هئي، پس منظر ۾ هليا ويا ۽ هي نوان شاعر ۽ لکندڙ نروار ٿي ڪانئن اڳ نڪري ويا. نثر ۾ ڪتابي سلسلن جن انهن نون رجحانن ۽ نظرين کي وڌايو، تن جو ذڪر مان مٿي ڪري آيو آهيان. پر شاعريءَ ۾ ”سنڌو“ رسالي (حالانڪ ان ۾ نثر به ڇپبو هو ) اهم ڪردار ادا ڪيو. جميعت الشعرا سنڌ جو رسالو ”اديبِ سنڌ“ پوڙهو پوندو ويو ۽ ”سنڌو“ سنڌ جو مقبول ترين ادبي رسالو ڪئين سال (ورهاڱي تائين) سنڌي ادب جي آسمان تي چڪمندو رهيو.“ (18)

هن تحريڪ جي اثر هيٺ ليڪ افسانن ۾ نوان موضوع کڻي آيا، ناول کي اظهار جو وسيلو بڻايو ويو، ادبي تنقيد کي هٿي ملي، ادب جي بنيادي سوالن تي بحث مباحثو شروع ٿيو، شعر ۾ گهاڙيٽي جا تجربا ڪيا ويا ۽ ان جو پنهنجي اصل سان رشتو قائم ڪيو ويو. ايئن ئي انهن فرسوده روايتن، زندگيءَ جي ارتقا آڏو بند ٻڌندڙ ۽ بي عمليءَ جو شڪار خيال پرست ليکڪن جو به گهيراءُ ڪيو.

”دراصل ورهاڱي کان اڳي ئي سنڌي فڪشن ۽ ڊراما ۾ سماجي حقيقت نگاري، افاديت يا مقصد پرستي، جنسي نفسيات توڙي

سنڌيت واري جذبي جا لاڙا نسرڻ لڳا هئا، جن جا نشان اسان کي ان وقت جي ڪن ادب پارن ۾ ملن ٿا، جيڪي آزاديءَ بعد ڇپائيءَ سان اپري سامهون آيا...آزاديءَ کان پوءِ جديد افساني جو سوشل ريئلزم يعني سماجي حقيقت نگاري سڀ کان نمايان رجحان رهيو، جنهن ۾ خارجي ماحول جي هُوبهو عڪاسي پيش ٿيل آهي. ليڪن ڪي اديب ان کان به اڳيان وڌي طبقاتي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ لکڻ لڳا. جيڪو اصل ۾ ترقي پسند ادبي جماعتن جو حقيقي مقصد هو. ان ڪري حقيقت نگاريءَ جو هڪ نئون انداز پيدا ٿيو، جنهن ۾ ادبي تخليق کي افادي عمل تصور ڪيو ويو. اهڙن اديبن، انسانن جي لطيف احساسن، ننڍڙين ننڍڙين خواهشن ۽ امنگن کي تلخ حقيقي واقعن ۾ بيان ڪيو آهي. عبوري ۽ تعميري دور جي سنڌي ڪهاڻين ۾ پلاٽ ۽ واقعات توڙي ڪردارن جي جذبات مان اهي ئي مليل جليل لاڙا ظاهر ٿين ٿا. مشهور اديب محمد عثمان ڏيپلائي هن عرصي ۾ هڪ ٻئي پٺيان ڪتاب ۽ رسالا ڪڍيا، جنهن ۾ هو جديد ذهني هٿيارن سان ليس ٿي، ادبي ميدان تي نروار ٿيو ۽ پنهنجي مخصوص طرز ۽ اسٽائل جون ڪيتريون ڪهاڻيون، ڊراما ۽ ناول سنڌي ادب کي ڏنا. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي سنڌي هاري رهنما، هاري حقدار پريس مان ڊراما ۽ ڪهاڻيون شايع ڪيون، جيڪي سندس ئي اندازِ فڪر جون ترجمان آهن (19) مٿيان سمورا واقعا، ڪوششون، عمل ۽ لکڻيون هڪ لحاظ کان ترقي پسند سوچ کي سماج جي هيٺين سطح تائين پهچائڻ لاءِ نيڪ نيتيءَ سان ورتل ڪوشش جون ئي مختلف شڪليون آهن.

سنڌ ۾ ترقي پسند فڪر ۽ تحرڪ کي هڪ تحريڪ جي درجي بخشڻ ۾ ڪيترن ئي عنصرن جو هٿ آهي.

غلام رباني آگرو پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب تي ترقي پسند تحريڪ جو اثر (2013)“ ۾، ترقي پسند تحريڪ جي ابتدا جو خاڪو هن ريت جوڙيو آهي:

1. سنڌي ترقي پسند ادب جي شروعات اردو ترقي پسند اديبن جي تحريرن جي سنڌي ترجمي سان ٿي.
2. اردو ترقي پسند اديبن جي انهن تحريرن ۾ زياده تر ڪهاڻيون هيون.

3. انهن ڪهاڻين جا سنڌي ترجما ڪندڙ گهڻي ڀاڱي ڪاليجن ۾ پڙهندڙ نوجوان سنڌي هندو شاگرد هئا. جن ۾ سرفهرست به چار نالا نظر اچن ٿا: سوڀو گيانچنداڻي، گوبند مالهي، گوبند پنجابي، ڪيرت ٻاٻاڻي (۽ شايد حشو ڪيولراماڻي پڻ، جنهن هندستان وڃڻ کان پوءِ اتي به سنڌي ڪهاڻين جا انگريزيءَ ۾ ترجما ڪيا ۽ هندستان ٽائيمس ۾ ڇپايا)
4. سنڌي ترقي پسند ادب جو پهريون پهريون ڪتاب ”ريگستاني ڦول“ هو، جيڪو، سنڌي اصلوڪين ڪهاڻين جو مجموعو هو. منجهس سڀ ڪهاڻيون سنڌي هندو ليکڪن جون هيون. فقط هڪ ڪهاڻي شيخ عبدالستار جي هئي، پر اها به لکيل سوڀي جي هئي.
5. گوبند مالهيءَ ”ريگستاني ڦول“ سوڀي جي صلاح تي ڇپايو هو. اهو ڪتاب پهريون پهريون پتڪڙو تارو هو، جيڪو سنڌي ترقي پسند ادب جي آسمان ۾ اڀريو.

گوبند مالهيءَ لکيوآهي ته سنڌي اصلوڪين ڪهاڻين جي ڪتاب ”ريگستاني ڦول“ ۾ سوڀي جي لکيل ليکڪ عبدالستار شيخ جي نالي ۾ ڇپيل ڪهاڻيءَ (”حليما“ ) پنهنجو رنگ ڏيکاريو. شيخ اياز (شيخ مبارڪ عليءَ) جي نالي سان شروع کان ئي شڪارپور ۾ لکندو رهندو هو. مون هن جو ”ساورڪر“ تي به شعر پڙهيو هو. ريگستاني ڦول شايع ٿيڻ بعد اياز ۽ سندس دوست ”راز“ ، جو به ”شيخ“ هو، مون وٽ آيا. اياز ڊزن کان وڌيڪ پنهنجا انقلابي شعر مون کي پڙهي ٻڌايا. مان ڪافي متاثر ٿيس. هن مون کي مسيليني ٽائيپ اصلوڪين ڪهاڻين، مضمونن ۽ شعرن ڇپائڻ جي صلاح ڏني. سوڀو اياز جا شعر ٻڌي ڪِڙن ۾ نه پيو ماپي. هن به اياز جي صلاح جي تائيد ڪئي. مان پانيان ٿو ته ”پرهه ڦٽي“ مجموعي جي شروعات ئي اياز جي انقلابي گيتن سان ٿي. اياز ادبي ڪلاس (گڏجاڻين) جو به مکيه انگ ٿي پيو. راز جا شعر به ڇپيا. شايد ارجن شاد جا به. شاد به ان زماني ۾ اسان جي ويجهو آيو. هو ۽ اياز ٻئي ڄڻا سوڀي ۽ ابراهيم جويي جي صحبت ۾ باشعور ٿيندا ويا. جويو ايم. اين.راءِ جي ويچارن جو هو. اياز خاص طور انهن ويچارن سان هم راءِ ٿيندو هو.“ (20)

”ريگستاني ڦول“ نئي دنيا ڪتاب گهر جو 19هون ڪتاب هو ۽ 1944 ۾ ڇپيو هو. هي ڪتاب اصلوڪين ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب

نه هو. البته جديد دور ۾ نون خيالن جي نمائندگي ڪندڙ مختلف ڪهاڻيڪارن جو گڏيل اصلوڪو مجموعو هو، جنهن ۾ رام امر لعل پنجواڻي، آنند گولاڻي، رميش چندر، پڳوان لالواڻي، نارائڻ ڏيوناڻي، جيوت نرماڻي، سوڀو گيانچنداڻي، ليلو رچنداڻي، ڪشن مسرور، ڪرشن کٽواڻي، موهني چنڊيراماڻي، شيخ عبدالستار (سوڀو گيانچنداڻي) ۽ گوبند مالهيءَ جون ڪهاڻيون شامل آهن. گوبند مالهي ڪتاب جي ابتدا ۾ لکي ٿو:" عام طرح سنڌ کي هر لحاظ کان ريگستان-رڻ پٽ سمجهيو ويندو آهي. هت اسانجو خاص اشارو ساهتيه ڏانهن آهي. سنڌ برابر ٻين پرانتن جي ڀيٽ ۾ گهٽو پوئتي پيل آهي ليڪن اسين موجوده پبلشر به ان لاءِ گهٽ جوابدار ڪين آهيون. چاڪاڻ ته هن ريگستان ۾ به ڦول ڪڙن ٿا ليڪن سڳند ڦهلائڻ کان اڳ ۾ ئي ڪومائجي مرجهائجي وڃن ٿا. اسان کي فخر آهي ته اسين پهريون پيرو همت ڪري، 'ريگستاني ڦول' پيش ٿا ڪريون، جن جي سڳنڌ بوستاني گلن (ٻين پرانتن جي ادبين) کان گهٽو گهٽ نه آهي. اسين مڃون ٿا ته اسان جا نوجوان اڃا هاڻي مڪڙين مان گل ٿي رهيا آهن، ليڪن سندن ڪهاڻين ۾ خيالن جي بلند پروازي، رڻا جي بيهڪ ۽ بيباڪ وشيه داد جي قابل آهن." (21)

'ريگستاني ڦول' کان پهرين جنوري 1942ع ۾ نئي دنيا ڪتاب گهر گوبند پنجابيءَ جي اصلوڪين ڪهاڻين جو ڪتاب "سرد آهون" ڇپائي چڪو هو. هن ڪتاب ۾ "آزاديءَ جو جذبو"، "سرد آهون"، "چور" ، "ڪفن" ، "بي اي، ايل ايل بي"، "اٽو ۽ لٽو" ڪهاڻيون شامل آهن، جن مان اڪثر پنهنجي عنوانن مان ئي ترقي پسند تحريڪ کان متاثر نظر اچن ٿيون. صحيح معنيٰ ۾ ترقي پسند ۽ اصلوڪين ڪهاڻين جو اولين ڪتاب ان کي ئي شمار ڪري سگهجي ٿو. "سرد آهون"، "چور"، "ڪفن" ۽ "بي اي ايل ايل بي" اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جيڪي حقيقت نگاريءَ کي اورانگهي، سماجي حقيقت نگاريءَ کي ڇهندي ڏسجن ٿيون. ڪتاب جي ديباچي ۾ برڪت علي آزاد لکي ٿو:" نوجوان گوبند جي مختصر افسانن جو هي مجموعو موجوده سماج جي هڪ جيئري جاڳندي تصوير آهي، جنهن کان هن انقلابي دور جو ڪوبه باخبر انسان انڪاري ٿي نه ٿو سگهي.

هن ڪتاب ۾ هڪڙي طرف کان مٿين طبقي جي ماڻهن جي عيش پسندي، ڌرم، مذهب، قسمت ۽ قانون جي اوٽ ۾ سندن انساني

فرض کان ڪوتاهي ڏيکاري ويئي آهي ۽ ٻئي طرف کان هي ڏيکاريو ويو آهي ته ڪهڙيءَ ريت اڄ اسان جا غريب، پورهيت، هاري ۽ عام جنتا ڏکي جيوت گذاري رهيا آهن، جنهن ۾ گرم ڳوڙهن ۽ "سرد آهن" کان سواءِ هنن بدقسمت انسانن لاءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي. پڇاڙيءَ ۾ ليکڪ ڏسيو آهي ته سماج جي مڙني مصيبتن جو علاج عام بيداري، سندن جماعت بندي ۽ اتحاد ۾ سمايل آهي، جنهن جي جاڻ کان سواءِ آزاديءَ جو پنڌ مشڪل ۽ اڻانگو آهي.

ڪتاب پڙهڻ مان هڪ ٻي ڳالهه معلوم ٿئي ٿي، جا هيءَ ته اسان جي نئين نسل جا هوشمند نوجوان موجوده سرمايه دارانه سماج جي بي انصافين کان سچ پچ ته بيزار ٿي رهيا آهن، جو ايندڙ انقلاب جو هڪ خوشگوار نشان آهي." (22)

هيءُ ديباچو سنڌي ادب ۾ ترقي پسند سوچ جو اولين نشان آهي، جنهن ۾ ايڏي چٽائيءَ سان افادي ۽ انقلابي ادب جي ڳالهه ڪيل آهي.

دراصل برڪت علي آزاد ئي اهو ماڻهو آهي، جنهن 1943ع ۾ "ادب ۽ زندگي" جي عنوان سان "سنڌو" رسالي جي اپريل واري شماري ۾ ادب بابت عالماڻو مضمون لکي، سنڌيءَ ۾ ترقي پسند ادب کي اهڙا فڪري بنياد مهيا ڪيا هئا، جهڙا اردوءَ ۾ اختر حسين رائپوريءَ پنهنجي مضمون "ادب اور زندگي" وسيلي اردوءَ کي مهيا ڪيا هئا.

خود ڪتاب جو ليکڪ گوبند پنجابي پنهنجن ٻن اکرن ۾ جيڪي ڳالهيون لکي ٿو، سي پڻ ان دور جي ترقي پسند سوچ جي ترجماني ڪن ٿيون. هو چوي ٿو:" ڪو انصاف پسند ۽ آزاد خيال نوجوان اها ڳالهه قبول ڪرڻ کان ڪڏهين به انڪار ڪري نه ٿو سگهي، ته اسان جي سماجڪ جوڙجڪ ۾ اڻاهه اوڻايون آهن، جنهن ڪري اسين ۽ اسان جا عام ماڻهو زبردست تڪليف ۾ آهن. جڏهين اهو اسين محسوس ڪنداسين ته موجوده سوسائٽي يا سماج ڪري اسين دکي آهيون، تڏهين اسين بلڪل چٽيءَ طرح ڏسي سگهنداسين ته انساني سماج جي ڪهڙي پاڳي ۾ ناسور پيدا ٿي چڪو آهي ۽ ڪٿي ڪٿي ڏکوئيندڙ زخم آهن." (23) هيءَ سوچ عام، روايتي، رواجي اديب ۽ فنڪار جي ٿي نه پئي سگهي.

گوبند پنجابي جي "سرد آهون." (1942)، برڪت علي آزاد جي مضمون "ادب ۽ زندگي." (1943) کان پوءِ، ترقي پسند سوچ ۽ فڪر

جي حوالي سان سڀ کان اهم لکڻي گوبند مالهيءَ جو مضمون ”ساهتيه ۾ انقلابي تحريڪ“ کي قرار ڏئي سگهجي ٿو، جنهن کي هڪ لحاظ کان اهڙي ئي حيثيت ڏئي سگهجي ٿي، جهڙي ترقي پسند تحريڪ ۾ 1936ع جي لکنئو ڪانفرنس ۾ پاس ڪيل اعلان نامي کي آهي. ترقي پسند فڪر ۽ سوچ جي حوالي سان اهو مضمون صحيح معنيٰ ۾ ان جا خدو خال واضح ڪري ٿو ۽ منجهس اعليٰ فڪري گهرائي آهي. ”ساهتيه ۾ انقلابي تحريڪ“ 1946ع ۾ نئي دنيا ڪتاب گهر جي 20 هون نمبر ڪتاب ”پرهه ڦٽيءَ“ جي ابتدائي صفحن تي شايع ٿيو آهي. هن مضمون جي اهميت سبب ان جو اڪثريتي حصو هتي نقل ڪجي ٿو، ته جيئن ابتدائي ڏينهن ۾ لکيل اهڙي شاندار فڪري تحرير ۽ ترقي پسند تحريڪ جي پس منظر کي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي:

ساهتيه ۾ انقلابي تحريڪ:

”ساهيته- ادب کي انساني زندگيءَ جي ڀين مسئلن کان الڳ ڪري نه ٿو سگجهي. ساهتيه درحقيقت حياتيءَ جي نبض آهي. اهو قومن جي خون جي گردش جو پيمانو آهي. هڪ اهڙو پيمانو جنهن سماج جي ترقيءَ جي سلسلي کي اهڙي صحيح نموني ۾ بيان ڪيو آهي، جهڙيءَ طرح دنيا جي ڪا به تواريخ ڪري نٿي سگهي. ترقي پسند ادب اسان جي موجوده سماج جي ڪشمڪش مان پيدا ٿيو آهي ۽ انساني فطرت جي انقلابن جو عڪس آهي.

انسانن جي جذبات تي گهڻو اثر سندن معاشرتي حالتن جو پوي ٿو. جڏهن ماڻهن جا پيٽ پريل آهن، تڏهن سندن ساهتيه حسن و عشق جا سُر آلاپي ٿو. عيش و عشرت جا نغما ڳائي ٿو. بيوسيءَ ۽ بي ڪسيءَ جي حالت ۾ هنن جو ادب به پست ۽ بي جان رهي ٿو مگر جڏهن ڪنهن قوم جي زندگيءَ ۾ ڪو انقلاب اچڻ وارو هوندو آهي، تڏهن بک، محتاجي، ذلت ۽ خواريءَ جي حد اچي وڃي ٿي- ۽ اهو ناممڪن آهي جو ان منزل تي سندس بي قرار ۽ اجهل جذبات ادب ۾ تکي طوفان جو روپ اختيار نه ڪن. اهو ادب انقلابي ادب ٿيندو آهي. ترقي پسند ادب، انقلابي ادب آهي.

ترقي پسند ادب پنهنجي زندگيءَ کي عوام، جنتا جي زندگيءَ سان ڳنڍي ٿو ڇڏي. هو عام ماڻهن جي وچ ۾ رهي انهن جي هر ڪنهن مسئلي کي سمجهڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. عام ماڻهن جي وچ ۾

رهندي، هنن جي رنج و راحت، حسرت و مسرت ۾ پاڳي پائيوار رهندي، هن جي احساسي طبيعت موجوده سماج جي بي انصافي ۽ ريا ڪاريءَ کان بنا دير واقف ۽ متاثر ٿي وڃي ٿي. هن جي دل تي هن طبقيوار سماج جي طبقن جي تفاوت جو گهاٽو ۽ گهرو اثر ٿئي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو هو پنهنجي جذبات جي نه بلڪ عوام- جنتا جي جذبات جي ترجماني ڪري ٿو.

ترقي پسند اديب هڪ حقيقت نگار (Realist) طرح پنهنجي ماحول- وايو منڊل جو صحيح جائزو ٿو وٺي ۽ جيڪي ڪي پنهنجي اردگرد جهڙيءَ صورت ۾ ڏسي ٿو، هُوبهو ان کي اهڙيءَ صورت ۾ پيش ڪري ٿو. هو اڇي تي ڪارو يا ڪاري تي اڇو ڪري ڪين ڄاڻي. هو هڪ فوٽو گرافر آهي. ماهر ۽ ڪلاڪار فوٽو گرافر جو، جيڪي ڪجهه ڏسي ٿو، ان کي پوري نڪته نگاهه کان ڏسي ٿو.

حقيقت نگاري ۽ احساس ترقي پسند اديب کي هڪ ايڪس ري ايڪسپرٽ (Ex-ray Expert) بڻائين ٿا. هو هن مريض ۽ بي شمار موتمار بيمارين ۾ وڪوڙيل سماج جي اندروني سچي حالت جو فوٽو ڪينچي، مرضن جي جڙ جاچي (Diagnoses)، انهن جو اڪيلو اڪثيرعلاج- آپريشن- ڏسي ٿو. هو هڪ سڌارڪ جي طرح هن سماج کي سڌارڻ جي دعويٰ نه ٿو ڪري. هو ته صحيح معنيٰ ۾ انقلابي آهي، جو هن سماج کي يڪا يڪ تبديل ڪري، هڪ نئين دنيا اڏڻ گهري ٿو. هڪ اهڙي دنيا جنهن ۾ نه ظالم هوندا، نه مظلوم. نه امير هوندا، نه غريب، نه عصمت جا خريدار هوندا، نه عصمت فروش. ترقي پسند اديب طبقن جو تفاوت ميٽي، آزادي، برادري ۽ هڪجهڙائيءَ جي فضا قائم ڪرڻ گهري ٿو.

ڪي ساهتيه ڪار- اديب آهن، جن جو نعرو آهي: ”ادب، ادب جي واسطي.“ (Art for Art's sake) هنن جو خيال آهي ته ساهتيه خالص آرٽ آهي ۽ ان جو انساني زندگيءَ سان ڪو گهرو لاڳاپو ناهي. اهڙا اديب پنهنجي بيبادي غلط نظريه جي ڪري جنتا- عوام کان گهڻو دور ٿي ٿا وڃن، جنهن ڪري سندن تصنيفن ۾ حقيقت نگاري ۽ احساس جي جهلڪ خير ڪا ٿي رهي. حقيقت نگاري ۽ احساس جي عدم موجودگيءَ ۾ سندن تصنيفون بي معنيٰ ۽ بي اثر بڻجيو پون.

ادب ۾ هن انقلابي تحريڪ- آندولن اڄ بين الاقوامي (انتر راشٽريه) صورت اختيار ڪئي آهي. گذريل ڏهن پندرهن سالن جي

اندر اندر هندستان ۾ هن ترقي پسند تحريڪ ڪافي حمايت حاصل ڪئي آهي. هندستان جي سڀني مقبول اديبن، ڪوي ٽيگور، منشي پريمچند، علامه اقبال، شرت بابو ۽ ٻين ادب ۽ انساني زندگيءَ جي وچ ۾ اهڙو ته گهاٽو ۽ گهرو سنٻنڌ قائم ڪيو آهي، دقيانوسي ۽ رجعت پسند شڪتين جي لکها ڪوشش سان به ٽٽي نه ٿو سگهي." (24)
هي مضمون ترقي پسند فڪري ادب لاءِ سنگ ميل وانگر هو.

ان ۾ ڪنهن به شڪ جي گنجائش نه آهي ته ورهاڱي کان اڳ اسان جو نثري ادب خاص طور ايترو شاهوڪار نه هو، ان ڪري اها کوٽ ترجمن ئي پوري پئي ڪئي آهي.

"اهو زمانو هو جڏهن منشي پريمچند اردو ۽ هندي ساهتيه ۾ ترقي پسند تحريڪ جو جهنڊو بلند ڪيو هو. مسٽر ميلا رام واسواڻي ان کان متاثر ٿي، سندر ساهتيه برپا ڪيو ۽ منشي پريمچند، ڪوي ٽيگور ۽ سدرشن جي ڪهاڻين کي سنڌي جامو پهرائي، سنڌي ساهتيه ۾ نئي دور جي شروعات ڪئي. سندر ساهتيه هڪ ئي وقت سنڌيءَ ۾ ٻن قسمن جا ڪتاب شايع ڪيا آهن. هڪڙا اهي جن ۾ ترقي پسند ادب جي ڪافي جهلڪ موجود آهي جهڙوڪ: "رڪمڻي" ، "ستيِاما" ، "منورما" ، "ڪرم يومي" ، "دکي هاري" ۽ "ديشڀڳت" وغيره. ٻئي قسم جا ڪتاب اهي آهن جن ۾ Hindu Revivalism تي زور ڏيئي، هندو وچولي طبقي جي قومي جذبن کي اڀارڻ ۽ انهن ۾ ديش پريم ڦوڪڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي ويئي آهي. اهڙا ڪتاب آهن "شوا جي" ، "مها راڻا پرتاب" ، "پرٿو يراج چوهاڻ" ۽ "ٻال مهاڀارت" وغيره.

سنڌي ساهتيه جي هن انقلابي دور جي ٻي ۽ وڏيڪ مکيه منزل جي شروعات وري رتن ساهتيه منڊل ڪئي. ماسٽر چوهڙ مل هندو ۽ مسٽر پارو مل ڪيولراماڻي جي اڻٿڪ ڪوشش سان بنگال ديش جي چوٽيءَ جي ليکڪن مهاڪوي ٽيگور، بنڪم چندر، رميش دت، شرت بابو ۽ ٻين جون سڀ عمديون ڪهاڻيون ۽ سٺا ناول سنڌيءَ ۾ شايع ٿي چڪا آهن- يا ٿيڻ وارا آهن. رتن ساهتيه منڊل ئي صحيح معنيٰ ۾ جاسوسي، عياري سان ڀريل ٿرڊ ڪلاس قصن ڪهاڻين کي ڪاپاري ڌڪ هڻي، عام ماڻهن ۾ ساهتيه ۾ نئي تحريڪ لاءِ دلچسپي پيدا ڪئي. "ڪهاڻي." (جڳت آڏواڻي جي زماني واري) "آشا" ۽ ٻين نون پبلشرس به "رتن" پيروي ڪندي، بنگالي، هندي، اردو ۽ گجراتي ساهتيه

جي مشهور ۽ عام ۾ پسند پيل ڪتابن ڪي سنڌي جامو پهرايو آهي.“ (25)

نئي دنيا ڪتاب گهر به سنڌي ادب تي فڪر ۽ خيال جون نيون دريون ۽ دروازا کولڻ جي ڏس ۾ وسان نه گهٽايو. ”نئي دنيا“ طرفان ڪرو پاٽڪن جو ”نوجوانن ڏانهن“ ، پرلبڪ جو ”ڌرتي ماتا“ ، رالف فاڪس جو ”مارڪسواد“ ، احمد عباس جا ”نيلم“ ۽ ”نئي زندگي“ ، ڪرشن چندر جو ”ان داتا“ ، راهل سانڪرتابن جو ”وولگا کان گنگا“ ۽ قاضي نذر السلام جو ”باغي شاعر“ نهايت اهم ڪتاب هئا. مالهي ان حوالي سان ٻڌائي ٿو: ”نئي دنيا“ جي بانيڪارن اڳيان صرف هڪ مقصد آهي، دنيا ۽ هندستان جي ٻين پرانتن جي ترقي پسند اديبن جي تصنيفن کان سنڌ جي عوام- جنتا کي متاثر ڪري منجهن اصلي سنڌي ترقي پسند ساهتيه Original Progressive Sindhi Literature پيدا ڪرڻ لاءِ چاهه وڌائڻ.“ (26)

نئي دنيا ڪتاب گهر جو ڇپايل ٻيو اهم ترين ڪتاب ”پرهه ڦٽي“ هو. منهنجيءَ نظر ۾“ پرهه ڦٽي“ ، ”ريگستاني ڦول“ کان وڌيڪ اهم ڪتاب آهي، جنهن ۾ نهايت سگهاريون، ڀرپور ۽ معياري ترقي پسند تحريرون شايع ٿيل ملن ٿيون. ابتدا ۾ اياز جي هڪ گيت کان پوءِ سندس ٻيو نظم ”نعره انقلاب“ جي عنوان سان ڇپيو آهي، جنهن جي بريڪيٽ ۾ ”هڪ خوددار مزدور جا احساس“ به ذيلي عنوان طور ڏنل آهي.

تنهنجا اطلس جا ويهاڻا          تنهنجا مخمل جا گاديلا
تنهنجا بستر تنهنجا ڪمرا          منهنجو فٽ-پيري تي ديرو
منهنجو بت گدلو ۽ ميرو
تنهنجي چمڙي نرم و نازل          سردي يا گرمي جنهن نه سٺي
ائن هٿ کان مون کي هل نه وٺي!
او سرمايه پرستي جا پتلا          ڪجهه دور! اتان ٻڌ دانهن
تون ڪيڏانهن، اسان ڪيڏانهن! (27)

هن ئي ڪتاب ۾ اياز جو مشهور نظم“ ڳاءِ انقلاب ڳاءِ“ ، ”ڏو ڏڙام، اف غلام“ ۽ هڪ ناياب نظم“ قديم و جديد“ به ڇپيل آهي.

قديم-
ٽاپ ٽاپ ٽاپ ٽاپ
وقت وقت وقت وقت

پوش پوش پوش پوش
آدمي هٽي وڃو!
پالڪي پئي اچي
ملڪئه معظمه
پئي حرم سرا وڃي!

ڪتاب ۾ راز جو آزاد نظم” سرمايه دار جو گيت” ، لطف الله بدويءَ جو شاندار نظم” شهر خموشان” ۽ گوبند جي ڪهاڻي ”هاري حقدار” به شامل آهي. جڏهن ته عيشي وديارٿي جي تحرير، جنهن ۾ هن پنهنجي جيل جي مختصر ڊائري يادگيرين جي صورت ۾ لکي آهي، پڙهڻ وٽان آهي.

”سنڌ جا سڀ جيل ڏٺم پر حيدرآباد جو جيل مونکي سڀ کان سٺو وڻيو. آب هوا سٺي، پاڻي چڱو ۽ جيل ۾ گلزاري. سوويت روس ۽ مارڪسواد ڏانهن ته اڳ ۾ ئي مائل هوس. پوءِ اسان نوجوانن ڪشن مسرور (هن نوجوان جي ڪهاڻي ريگستاني ڦول ۾ به شامل هئي)، نارائڻ، آسن ۽ مون مارڪسواد جو مطالع ڪيوسين. بحث مباحثا ٿيڻ لڳا. حيدرآباد ۾ مون پنهنجي گذريل پاليسيءَ ۽ پروگرام تي غور ڪيو ۽ هندستاني ڪميونسٽن جي پاليسي ۽ پروگرام تي غور ڪيو. انگريزن جي چال ”ويڙهائي راڄ ڪرڻ” مشهور هئي. ملڪ ۾ قومي اتحاد ڪونه هو. برطانيه سلطنت شاهيءَ خلاف ملڪ ۾ جيڪي شڪتيون هيون، سي هڪ ٻئي تي جلهه ڪري رهيون هيون ۽ انگريز ان جو فائدو وٺي رهيا هئا. مسلم ليگ جو پاڪستان جو نعرو انگريزن خلاف مسلمانن جي آزاديءَ جو نعرو هو ۽ انهيءَ نعري عوام ۾ هڪڙي قسم جي هيجان پيدا ڪئي ۽ مسلم عوام پڻ بيدار ٿي انگريزن خلاف پنهنجي آزادي لاءِ سياسي ميدان ۾ آيو. مون سمجهيو ته آزادي هندستان جي معنيٰ هندستان ۾ رهندڙ باشندن ۽ قومن جي پوري آزادي ۽ آزاد هندستان هڪ آزاد قومن جو منڊل ۽ نڪي زور ۽ زبردستيءَ تي ٻڌل فيڊريشن....انگريزن کان آزاديءَ جو حق طلبڻ ۽ هندستاني قومن جي حق خوداراديت کان انڪار ڪرڻ اها آزاديءَ جي راهه نه آهي، پر ڦوٽ ۽ غلاميءَ جي. تنهنڪري خوداراديت جي سوال تي ملڪ ۾ سڀني سلطنت شاهي خلاف شڪتين جو انگريزي راڄ خلاف متحد محاذ برپا ڪري آزاديءَ لاءِ لڙڻ، اها ئي صحيح پارٽيءَ جي پاليسي هئي، ۽ اها هندستاني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي

پاليسي هئي- ۽ پي ڳالهه مون اها به محسوس ڪئي ته فاشزم جي سوپ معنيٰ دنيا جي عوام لاءِ دائما غلاميءَ ۽ سوويٽ جي سوپ معنيٰ آزادي ۽ لوڪشاهيءَ جي سوپ." (28)

'عيشي جيل ۾ رهندي ۽ آزاديءَ بعد به سوشلسٽ خيالن تي ٻڌل ڪتاب جهڙوڪ "ساميه واد ۽ عورتون"، انسان ذات جو اتهاس ۽ ترقي"، "اشتراڪيت يا انڌاڌنڌي"، "اشتراڪي انقلابي" وغيره لکيا. 1945ع ۾ جڏهن ڪيس دوستن سميت آزاد ڪيو ويو، ته سڀئي گڏجي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ويا هئا.

عيشي وديارٿيءَ بابت ڊاڪٽر ڄيٺي لعلواڻيءَ پنهنجي ڪتاب" آزاديءَ جو پروانو هيمون ڪالاڻيءَ" ۾ لکيو آهي ته هيمون ڪالاڻيءَ جي ساٿين پرچي وديارٿي، عيشي وديارٿي ۽ نارائڻ واڌواڻي سکر جيل جي ديوار ٽوڙي هيمون کي ڇڏائڻ لاءِ سازش ڪئي هئي. پر پوءِ نارايڻ ۽ عيشي، جن مٿان پوليس چونڪي ۽ جيل جون تارون ٽوڙڻ جي ڊيوٽي رکيل هئي، سي ٽيليفون جون تارون ڪٽيندي سرزمين تي پڪڙجي پيا. پرچو روپوش ٿي ويو، نتيجي ۾ هيمون جيل مان نڪري نه سگهيو. جڏهن ته عيشي پنهنجي جيل ياترا ۾ لکيو آهي ته هنن کي جيڪي 27 مهينا جيل ۾ گذريا، اهي 9 آگسٽ 1942ع تي گانڌيءَ جي ڪئٽ انڊيا واري تحريڪ جي اعلانۦ اڳواڻن جي گرفتارين بعد ٿيل احتجاجن جي ڪڙيءَ طور، هو ۽ نارائڻ سکر ۾ لورس برج پريان، ٽنين تي چڙهي تارون ڪٽڻ دوران پڪڙيا ويا هئا. هن پاڻ ڪٿي به هيمون جو نالو نه ورتو آهي. هيمونءَ کي 23 آڪٽوبر 1942ع تي ريل جون پٽڙيون اکيڙيندي گرفتار ڪيو ويو هو ۽ 21 جنوري 1943 تي ڦاسي ڏني وئي هئي.

"پرهه ڦٽي" ڪتاب جي ابتدا ۾ ، گوبند جي مضمون ڪان پوءِ، لينن جو هڪ قول نقل ڪيل آهي:

> "اسان جو رستو صاف آهي. چاڪاڻ ته دنيا کي اسين جنهن روپ ۾ ڏسڻ چاهيون ٿا، ان جو تصور اسان جي ذهن ۾ بلڪل صاف آهي. هن دنيا ۾ هڪ ملڪ ٻئي ملڪ تي، هڪ طبقو ٻئي طبقي تي حڪومت نه ڪندو. هيءَ آزادي ۽ ترقيءَ جي دنيا ٿيندي، جنهن ۾ آرٽ ۽ ادب جي حيثيت خريد و فروخت جي شين جهڙي نه ٿيندي بلڪ اهو روحانيت جو هڪ ئي روپ ٿيندو.

مذهب جي جڳهه آرٽ کان سواءِ ٻي ڪا چيز وٺي نٿي سگهي.“ (29)

1947ع ۾ ئي هڪ هندو ڪهاڻيڪار جو ڪتاب” سوشلسٽ پاڪستان“ جي نالي سان ڇپيل ملي ٿو، جنهن ۾ پڻ انقلابي عنصر موجود آهي. دراصل اهي سڀ ڪوششون، سنڌي ادب کي نون ۽ روشن خيال روين ڪي هٿي وٺائي، ان ۾ تازگي ۽ زندگي پرڻ لاءِ هئا. چاڪاڻ ته اڳ موجود روايتي ادبي ماحول فرسودگي ۽ يڪسانيت جو تاثر ڏئي رهيو هو. اهڙا نوان ترقي پسند لاڙا ۽ سوچ رڪندڙ هونءَ ته ساريءَ سنڌ ۾ ٽڙيل پکڙيل هيا. سندن ڪن سياسي ۽ سماجي تنظيمن سان لاڳاپا هيا، پر ڪا خالص ادبي جماعت اجا ڪا نه ٺاهي هيائيون. پهريون تنظيمي ڍانچو ڏي-جي سنڌ ڪاليج جي شاگردن، پروفيسر پنجواڻي جي سرپرستيءَ ۾ تشڪيل ڪيو. ۽ ”سنڌي ادبي سرڪل“ جي نالي سان هڪ ادبي جماعت ڪراچيءَ ۾ قائم ڪئي. ان جي بانين مان شيخ اياز هڪ هيو. ستت ئي ڪاليج کان ٻاهر وڏي پئماني تي انهن هڪ جماعت جوڙي. ان مهل هند ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين قائم ٿي با عمل ٿي چڪي هئي. ڪراچيءَ ۾ سنڌي اديبن به سنڌي اديبن جي انجمن ترقي پسند مصنفين قائم ڪئي، جنهن ۾ ”سنڌي ادبي سرڪل“ وارن ساٿين کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي شامل ٿيا. اياز، ڪيرت، مالهي، اتم، روشن مغل، سندري اتمچنداڻي، ابراهيم جويو، سوڀو، پوهو، ستار شيخ ۽ حيدر وغيره ان جا سرگرم ميمبر هيا. اياز جي ادارت ۾ ترقي پسند ادبي رسالي ”اڳتي قدم“ جو اجراءَ ٿيو، جنهن جا ٽي پرچا نڪتا ۽ پوءِ ورهاڱي جي افراتفريءَ جو شڪار ٿي بند ٿي ويو. اتم ”نئين دنيا“ ماهوار جاري ڪئي جا ورهاڱي بعد پاڻ سان گڏ هندستان کڻي ويو ۽ اتان پاڻ صدي کن باقائدي ڪيندو رهيو.“ (30)

ترقي پسند تحريڪ جي ئي حوالي سان هڪڙو تمام اهم قدم، اياز جو ”اڳتي قدم“ به آهي، جنهن جا آگسٽ، سيپٽمبر، آڪٽوبر 1947ع ڌاري ڪل 3 پرچا نڪتا، پر اهي پرچا نهايت جاندار ۽ هن تحريڪ کي سگهارو بڻائيندڙ هئا. محمد ابراهيم جويي جي بقول:” ’اڳتي قدم‘ سنڌي ادب جي ترقي پسند لاڙن کي جاڳايو، گڏ ڪيو ۽ پاڻ پرو ڪيو.“ (جويو، 1970 :8) ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي موجب” ’اڳتي قدم‘ پهريون سنڌي رسالو هو، جو تعميري ۽ ترقي پسند ادب جي بنيادي نقطي،

تنقيد ۽ تنقيد جي جديد قدرن کي پنهنجي صفحن ۾ سمائي نروار ٿيو هو.″ (31)

′اڳتي قدم′ ۾ هندي ۽ اردو ادب مان ترجمو ٿيل ڪهاڻين سان گڏ طبعزاد ڪهاڻيون به شايع ٿيون، جن ۾ ″انسان جو گوشت.″ (ڏرم وير ڀارتي)، ″مون کي منظور نه آهي.″ (يشپال)، ″هندو يا مسلمان.″ (ڏرموير) ڳٽپ جوڳيون ڪهاڻيون هيون. جڏهن ته بنگال جي انقلابي شاعر نذرالاسلام سان گڏ ٽئگور، اقبال ۽ جوش جي ڪلام جا ترجما به شايع ڪيا ويا. سڀ کان اهم ڳالهه اياز جا ڇپجندڙ مواد تي نهايت شاندار تنقيدي رايا آهن، جيڪي صحيح معنيٰ ۾ ترقي پسند عملي تنقيد جا نمونا آهن. جڏهن ته اياز جا سلسلا ″سوچيو ۽ بغاوت ڪريو″ ۽ ″رولو ڪلب جي شاعر جو خط″ انقلابي، باغيانه ۽ ترقي پسند خيالن جا بي مثال ۽ فڪر انگيز نمونا آهن.

سنڌيءَ ۾ ترقي پسند فڪري لاڙي کي تحريڪ جي درجي تي پهچائڻ ۾ ٻين عنصرن جو به ضرور هٿ آهي ۽ لاتعداد عالمن ۽ اديبن جون ڪوششون ۽ قربانيون به شامل آهن، پر ٿلهي ليکي ′سنڌو′ مخزن جو تاريخي ڪردار، نئي دنيا ڪتاب گهر جا فڪري طور ڀرپور ڪتاب، گوبند پنجابي، برڪت علي آزاد، گوبند مالهيءَ، حشو ڪيولراماڻي، سوڀي گيانچندڻيءَ ۽ محمد ابراهيم جويي جون ابتدائي عملي ڪوششون، شيخ اياز جي انقلابي شاعري، ′اڳتي قدم′ رسالي جو اجراءُ، سنڌي ادبي سنگت جو قيام ۽ ٽماهي مهراڻ جو جاري ٿيڻ ئي ان جا سڀ کان وڏا محرڪ آهن.

حوالا:


1. گجرال اندر ڪمار، 2007: سجاد ظهير: ادبي خدمات اور ترقي پسند تحريڪ (مرتب: گوپي چند نارنگ)، ساهتيه اڪيڊمي دهلي.
2. گيانچنداڻي سوڀو، 1986: گفتگو: ترقي پسند تحريڪ کي نظري مسائل، اثرات اور مخالفين کي اعتراضات پر مشاهرين ادب سي بات چيت، (تاليف: مظهر جميل)، مڪتبه دانيال، ڪراچي.
3. حسن، سبط، 1986: ميري دوست اختر حسين رائپوري (مضمون)، افڪار نذرِ اختر حسين رائپوري، مڪتبه افڪار، ڪراچي.
4. ايضاً
5. ڀٽي، رشيد، 1987: خط، انٽرويو، تقريرون (ڀاڱو ڀهريون- مهاڳ)، ليکڪ: شيخ اياز، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد.